

LIBRARY



باني ءِ پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

لائبريري
انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو سنڌ

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو

جلد ٢٥]                [نمبر ٣

جولاءِ، آگسٽ ۽ سيپٽمبر
١٩٧٦ع

## ”قائداعظم نمبر“



سنڌي ادبي بورڊ
سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.

ايڊيٽر: غلام محمد ”گرامي“ (مرحوم)    اسسٽنٽ ايڊيٽر: پريو ”ناشاد“

# مهراڻ

## سنڌي ادبي بورڊ

سنڌ يونيورسٽي نيو ڪئمپس ڄامشورو، سنڌ.
(پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد سنڌ)

مواد موڪلڻ جي ائڊريس:

**ايڊيٽر "مهراڻ" ٽماهي**

**سنڌي ادبي بورڊ**

پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد، سنڌ.

خريداريءَ لاءِ ائڊريس:

**مئنيجر**

سنڌي ادبي بورڊ جو بوڪ اسٽال،
پوسٽ باڪس نمبر ١٢، حيدرآباد، سنڌ.

قيمت: ٤-٠٠ رپيا
ساليانو چندو ١٥-٠٠ رپيا

Printed and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, Secretary, Sindhi Adabi Board, at the Board's Printing Press, Hyderabad, Sind.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ۱. قائداعظم ۽ پاڪستان | ـ غلام محمد گرامي | ۱۳ |
| ۲. قائداعظم (سوانح حيات ۽ سياسي ڪارناما) | ـ غلام محمد گرامي | ۲۳ |
| ۳. قائداعظم ۽ ڪراچي | ـ حاتم . اي . علوي | ۴۶ |
| ۴. "هندستان جي وحدت هڪ خام خيالي آهي." (قائداعظم جي هڪ ناياب تحرير) | ـ ادارو | ۵۰ |
| ۵. قوميت ۽ متحده قوميت جا اصول ۽ اسباب | ـ علامہ آءِ . آءِ . قاضي | ۵۳ |
| ۶. پاڪستان آئين ساز اسيمبليءَ کي خطاب | ـ باباءِ قوم | ۵۹ |
| ۷. نظريہ پاڪستان (قائداعظم کان قائد عوام تائين) | ـ غلام محمد گرامي | ٦٦ |
| ۸. قائداعظم ـ ذلير، بيباڪ ۽ دانشور سياستدان | ـ آر . اي . جعفري | ۷۹ |
| ۹. قائداعظم ـ هڪ وضعدار انسان جي حيثيت ۾ | ـ ادارو | ۹۳ |
| ۱۰. سابق وائسراءِ هند، لارڊ مائونٽ بيٽن جو هڪ عجيب انڪشاف | ـ ادارو | ۹۸ |
| ۱۱. قائداعظم جي ڪاميابيءَ جا اسباب | ـ پروفيسر محمد سرور | ۱۱۳ |
| ۱۲. قائداعظم متعلق مولانا آزاد جا تاثرات | ـ ترجمو: محمد حسين "ڪاشف" | ۱۲۲ |
| ۱۳. قائداعظم ۽ نظريہ پاڪستان | ـ مولانا دين محمد وفائي | ۱۴۰ |

١٤. وطن جي آزاديءَ ۽ پاڪستان بنائڻ
۾ سنڌ جو ڀاڱو ـ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي ١٤٤
١٥. قائداعظم، علماءِ ڪرام ۽
تحريڪ پاڪستان ـ ادارو ١٦٢
١٦. قائداعظم هڪ عوامي رهنما ـ قاضي عبدالمجيد "عابد" ١٨٢
١٧. قائداعظم جي سياسي بصيرت ـ شيخ عبدالرزاق "راز" ١٨٥
١٨. قائداعظم ۽ پاڪستان
(اڇوت ليڊرن جي تائيد) ـ حامد علي قريشي خاناڻي ١٨٩
١٩. قائداعظم جي پاڪستان لاءِ جدوجهد ـ انور هالائي ٢٠١
٢٠. قائداعظم ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ
جي جدوجهد (سر شاهنواز ڀٽي جي
تاريخي تقرير) ـ محمد علي "جوهر" ٢٠٨
٢١. قائداعظم ــ آزاديءَ جي جدوجهد ۽
سنڌي مسلمان ـ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ٢٢١



# ناشر طرفان گذارش

سن ۱۹۷٦ع ۾ باني٫ پاڪستان قائد اعظم محمد علي جناح جي ولادت کي هڪ سؤ سال پورا ٿيا. انهيءَ حقيقت جي پيش نظر قائد عوام جناب ذوالفقار علي ڀٽي، وزيراعظم پاڪستان، جي هدايت پٽاندڙ، حڪومت پاڪستان، هلندڙ سال کي "قائداعظم جو سال" قرار ڏنو آهي ۽ ملڪ ۾ قائداعظم جي سؤ سالہ جشن ملهائڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

حڪومت جي انهيءَ فيصلي جي تعميل ۾ ملڪ جا سمورا خود مختار ۽ نيم سرڪاري علمي ادارا پنهنجن پنهنجن رسالن جا خاص نمبر ۽ قائداعظم جي سوانح حيات متعلق ڪتاب شايع ڪري رهيا آهن. مهراڻ جو هيءُ "قائداعظم نمبر" انهيءَ سلسلي ۾ شايع ڪيو پيو وڃي. ان کان علاوه سنڌي ادبي بورڊ قائداعظم جي تقريرن تي مشتمل هڪ الڳ ڪتاب پڻ شايع ڪري رهيو آهي. اميد آهي تہ سنڌي زبان ۾ "مهراڻ" جي هن خاص نمبر ۽ مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب جي اشاعت وسيلي سنڌي پڙهندڙن کي قائداعظم جي بلند و بالا شخصيت ۽ اعليٰ ڪردار کي مطالع ڪرڻ ۾ سهوليت ٿيندي.

"مهراڻ" جي هن خاص نمبر ۽ پڻ مٿي ذڪر ڪيل ڪتاب جي ترتيب ۽ تاليف جو ڪم سنڌي زبان جي سدا بهار عالم ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي قابل صد احترام رفيق، مرحوم مولانا غلام محمد گرامي سرانجام ڏنو آهي. ڪتاب ۽ رسالو اشاعت جي پوين مرحلن ۾ هئا، جو گرامي صاحب جن هي جهان ڇڏي ويا!

سنڌي ادبي بورڊ فيصلو ڪيو آهي تہ مهراڻ جو ايندڙ پرچو "گرامي نمبر" ڪري شايع ڪيو ويندو. چنانچہ، مهراڻ جي اديبن، شاعرن ۽ مرحوم مولانا گرامي صاحب جي دوستن، احبابن ۽ قريبن کي گذارش آهي تہ هو مرحوم متعلق پنهنجا تاثرات، مقالا ۽ مضمون وغيره، جيترو جلد ٿي سگهي، لکي اسان کي موڪلي ڏين، جيئن اهو خاص نمبر شايان شان طريقي سان شايع ڪري سگهجي.

"آءُ هت ظاهر ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ اوهان اڄ آزاد آهيو. اوهان پنهنجن مندرن ۾ وڃي سگهو ٿا، اوهان کي پوريءَ آزادي حاصل آهي. اوهان پنهنجن مسجدن ۾ وڃي سگهو ٿا، ڪير بہ اوهان کي روڪي نہ سگهندو. پاڪستان جي رياست ۾ جي بہ اوهان جون عبادتگاهون آهن، اوهان انهن ۾ آزاديءَ سان وڃي سگهو ٿا. اوهان جو ڪوبہ مذهب، ذات يا مسلڪ يا مشرب ٿي سگهي ٿو، پر رياست جي اُمور سان اُن جو ڪوبہ تعلق ناهي."

— قائد اعظم محمد علي جناح

# قائداعظم جي زندگي — هڪ نظر ۾

١٨٧٦ع (٢٥ ڊسمبر) وزير مينشن ڪراچي ۾ ولادت.

١٨٨٣ع ابتدائي تعليم جو آغاز (ابتدائي تعليم گوڪلداس تيج پرائمري اسڪول بمبئي ۾ پوري ڪري، موٽي ڪراچيءَ آيو ۽ سنڌ مدرسةالاسلام ۾ داخل ٿيو. مشن هاءِ اسڪول ڪراچيءَ مان مئٽرڪ ١٦ ورهين جي ڄمار ۾ پاس ڪيائين.)

١٨٩٣ع قائداعظم جي والد جناح پونجا کي سنڌ ۾ هڪ واپاري انگريز دوست سرفريڊرڪ ڪرافٽ، صلاح ڏني ته هو محمدعليءَ کي بئريسٽريءَ جي تعليم لاءِ ولايت موڪلي. محمدعلي پوءِ بئريسٽريءَ جي تعليم لاءِ لنڊن جي مشهور قانوني درسگاهه "لنڪن ان" ۾ داخل ٿيو. ساڳئي سال دادا ڀائي نوروزجيءَ جي اليڪشن جو هنگامو ۽ مسٽر جناح جو ان ۾ عملي طرح دادا ڀائيءَ لاءِ جوش وخروش سان ڪم ڪرڻ. ايڪيهن ورهين جي عمر ۾ بئريسٽريءَ جو اعليٰ امتحان پاس ڪري ڪراچي موٽڻ.

١٨٩٧ع ڪجهه ڏينهن ڪراچيءَ ۾، ۽ تنهن کان پوءِ بمبئيءَ ۾ وڪالت جو آغاز ڪرڻ.

١٩٠٠ع بمبئي پريزيڊنسي مئجسٽريٽ جي عهدي تي مقرر ٿيڻ.

١٩٠٥ع مسٽر دادا ڀائي نوروزجيءَ (صدر ڪانگريس اجلاس ڪلڪتو) جي پرائيويٽ سيڪريٽريءَ جي حيثيت سان ڪانگريس ۾ شريڪ ٿيڻ.

١٩٠٩ع سپريم ايمپرئل ڪائونسل تي بنا مقابلي چونڊجڻ.

١٩١٠ع ڪانگريس جي الهآباد واري جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ.

١٩١٢ع مسلم ليگ ۾ شريڪ ٿيڻ.

١٩١٣ع انڊيا ڪائونسل جي جوڙجڪ تي سخت نڪته چيني ڪرڻ.

١٩١٤ع ڪانگريس جي وفد سان لنڊن وڃڻ.

١٩١٥ع ڪانگريس ۽ مسلم ليگ جي اتحاد لاءِ جدوجهد ڪرڻ.

١٩١٦ع لکنؤ ۾ آل انڊيا مسلم ليگ جي جلسي جي صدارت ڪرڻ ۽ "لکنؤ پئڪٽ" تي هندو ۽ مسلم ليڊرن کي راضي ڪرڻ.

١٩١٧ع "هوم رول ليگ" جي صدر جي حيثيت سان، بمبئيءَ ۾ هڪ پرجوش تقرير ڪرڻ. جنگي ڪائونسل دهلي جي وائسراءِ جي اڳيان اعلان ڪرڻ ته "جيستائين هندستانين کي سنڌن سياسي آزاديءَ جو نقشو نه سمجهايو ويندو، تيستائين هو جنگي ڪوشش ۾ مدد نه ڪندا."

١٩١٨ع كانگريس ۾ هردلعزيزي. سر ڏنشا پيٽٽ جي ڌيءَ، مس رتن پيٽٽ، جو مسلمان ٿيڻ ۽ سندس قائداعظم سان نڪاح ڪرڻ. ٽائون هال بمبئيءَ ۾ لارڊ ولنگٽن، گورنر بمبئيءَ جي زيرصدارت جلسي ۾ مسٽر جناح ۽ لارڊ ولنگٽن جي مشهور جهڙپ.
حڪومت جي پرڏيهي پاليسيءَ تي سخت نڪته چيني ڪرڻ.
هندستان تي اعتماد نه ڪرڻ جي روبي تي انگريزن جي پاليسيءَ کي سخت ننديڻ (١٦- جون).
گورنر بمبئيءَ کي شهرين پاران سپاسنامي پيش ڪرڻ تي هنگامو (ڊسمبر).
"جناح هال" جو بنياد.

١٩١٩ع "رولٽ ائڪٽ" جي خلاف احتجاج ڪندي، ايمپريل ڪائونسل تان استعيفا ڏيڻ.

١٩٢٠ع ڪانگريس کان علحدگي.

١٩٢١ع بمبئيءَ ۾ تقرير. مسٽر گانڌيءَ جي سياسي پاليسيءَ سان سخت اختلاف ڪرڻ. عدم تعاون تحريڪ جي مخالفت ڪرڻ، ۽ مسلمانن کي نقصان رسائڻ وارن نتيجن جو اظهار ڪرڻ.

١٩٢٦ع هندو- مسلم اتحاد لاءِ ملڪ جي سامهون هڪ نئين اسڪيم پيش ڪرڻ، ۽ ڪانگريس جو ان کي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ.

١٩٢٧ع ڪلڪتي واري آل انڊيا مسلم ليگ جي جلسي جي صدارت. مسلمانن ۾ قومي جدوجهد جو آغاز.

١٩٢٨ع ڪانگريس سان سخت مقابلو ۽ ڇڪتاڻ. "آل پارٽيز ڪانفرنس" ۾ نهرو رپورٽ جي سخت مخالفت ۽ مسلمانن کي ان جي خراب نتيجن کان آگاه ڪرڻ (٢٨ ڊسمبر).

١٩٢٩ع هندستان جي مرڪزي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ پنڊت موتي لعل نهروءَ سان سندس رپورٽ تي زبردست جهڙپ (مارچ).
روشن ٿيٽر دهليءَ ۾ مسلم ليگ جو ساليانو جلسو. قائداعظم جي مشهور چوڏهن نڪتن جو اعلان (مارچ).

١٩٣٠ع پهرين گول ميز ڪانفرنس ۾ شرڪت لاءِ لنڊن ڏانهن روانگي.

**١٩٣٠ع کان ١٩٣٤ع تائين**

هندستان جي سياست کان عارضي طرح ڪناره ڪشي ۽ لنڊن ۾ قيام.

١٩٣٤ع "ڪميونل اوارڊ" جي منظوريءَ لاءِ ڳالهه ٻولهه. ڪانفرنس ضد سببان انهيءَ اوارڊ کي نه مڃيو.
مرڪزي اسيمبليءَ لاءِ بمبئيءَ جي مسلمانن جي حقن لاءِ نعرو بلند ڪرڻ (جنوري).

۱۹۴۵ع شملا ڪانفرنسون.

۱۹۴۶ع مرڪزي ۽ صوبائي چونڊن لاءِ جدوجهد. مسلم ليگ جي زبردست ڪاميابي.
حسين ڀائي لالجي کي قائداعظم جي مقابلي ۾ بمبئي تڪ ۾ زبردست شڪست.
ڪئبينيٽ مشن جو هندستان جو دورو ۽ هندستاني ليڊرن سان ڳالهيون (اپريل).
ڪئبينيٽ مشن جي رٿن جي منظوري (مئي).
مسلم ليگ جو نئون فيصلو- سڌو قدم (۱۶- آگسٽ).
لنڊن جو سفر (ڊسمبر).

۱۹۴۷ع ڪئبينيٽ مشن جي رٿن کي رد ڪرڻ (جنوري).
لارڊ مائونٽبيٽن جي جدوجهد ۽ مسلم ليگ جو رد عمل (اپريل).
هندستان جي ورهاڱي جو اعلان (۳- جون).
آل انڊيا ريڊيو نئين دهليءَ تان پهرين ۽ آخري تقرير ۽ ملڪ جي ورهاڱي تي تبصرو (۳- جون).
پاڪستان جي پهرئين گورنر جنرل جي حيثيت سان ڪراچيءَ جو دورو (۷- آگسٽ).
پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ صدارتي تقرير (۱۱- آگسٽ).
لارڊ مائونٽ بيٽن جي اعزاز ۾ گورنر جنرل هائوس ڪراچيءَ ۾ دعوت.
قائداعظم جي تقرير (۱۳- آگسٽ).
پاڪستان جو اعلان (۱۴- آگسٽ).
پاڪستان جي قانون ساز اسيمبليءَ جي افتتاح جي موقعي تي تقرير (۱۴- آگسٽ).
عيدالفطر جي موقعي تي قوم ڏانهن پيغام (۱۸- آگسٽ).
ڪراچي ڪارپوريشن پاران ڏنل شهرين جي سپاسنامي جو جواب (۲۵- آگسٽ).
ڪراچيءَ ۾ وليڪا ٽيڪسٽائيل ملس جو بنيادي پٿر رکڻ (۲۶ آگسٽ).
سول ۽ فوجي آفيسرن کي خطاب (۱۱- آڪٽوبر).
عيدالضحيٰ تي قوم ڏانهن پيغام (۲۴- آڪٽوبر).
پنجاب يونيورسٽي لاهور جي ميدان ۾ عوام اڳيان تقرير (۳۰- آڪٽوبر).
ڪل پاڪستان تعليمي ڪانفرنس جي افتتاح جي موقعي تي پيغام (۲۷- نومبر).
پاڪستان اسڪائوٽس جي نئين سر تنظيم جي موقعي تي قوم جي نونهالن ڏانهن پيغام (۲۲- ڊسمبر).
قائداعظم جو آخري سالگرهه (۲۵- ڊسمبر).

۱۹۴۸ع ساموڊي تربيت گاهه "دلاور" جي رسم افتتاح، ۽ فوجي آفيسرن کي خطاب (۲۳- جنوري).

سبي دربار جو افتتاح (۱۴- فيبروري).
بنگال آئل ملس ڪراچيءَ جو افتتاح (۲۴- فيبروري).
ڍاڪا ۾ ٽن لکن جي مجمعي کي خطاب (۲۱- مارچ).
قائداعظم جي خدمت ۾ پاڪستان جي پهرين سڪن ۽ نوٽن جو پيش ٿيڻ (۱- اپريل).
پهرين پاڪستان اولمپڪ راندين جو افتتاح ۽ قوم کي راندين جي ذريعي منظم ٿيڻ جي تلقين (۲۲- اپريل).
اسٽاف ڪاليج ڪوئيٽا جي آفيسرن اڳيان تقرير (۱۴- جون).
اسٽيٽ بئنڪ آف پاڪستان جو افتتاح (۱- جولاءِ).
پيراڊائيز سئنيما ڪراچيءَ ۾ ”اسان جي وچ ۾“ نالي دستاويزي فلم ڏسڻ لاءِ تشريف فرما ٿيڻ. هوا جي تبديليءَ لاءِ زيارت بلوچستان ڏانهن روانگي (۱۴- جولاءِ).
پاڪستان جي پهرين سالگرهه جي موقعي تي قوم ڏانهن زيارت (بلوچستان) کان پيغام (۱۴- آگسٽ).
عيد جو پيغام (۱۷- آگسٽ).
بيماريءَ جي حالت ۾ ڪراچي موٽڻ ـ شام ٦ بجا (۱۱- سيپٽمبر).
وفات ڏهه بجا رات (۱۱- سيپٽمبر).
پراڻي نمائشگاهه وٽ، ڪفن دفن ـ ٦ بجي شام (۱۲- سيپٽمبر).

---

ياد رکو تہ پاڪستان جو قيام هڪ اهڙو عظيم واقعو آهي، جنهن جهڙو تاريخ ۾ ڪوبہ مثال ملي نٿو سگهي.

هيءَ دنيا جي سڀ کان وڏي اسلامي سلطنت آهي. اگر اسان ديانتداريءَ، ايمانداريءَ، خلوص ۽ بي غرضيءَ سان ڪم ڪيو تہ پوءِ لازم آهي تہ پاڪستان بہ ترقي ڪندو رهندو.

مون کي پنهنجي عوام جي اعتماد تي ڪامل ڀروسو آهي ۽ يقين آهي تہ هر موقعي تي هو اسلام جي تاريخ، شان شوڪت ۽ روايتن جي مطابق عمل ڪندا ايندا.

ـ قائد اعظم محمد علي جناح

غلام محمد "گرامي"

# قائداعظم ۽ پاڪستان

تاريخ شاهد آهي تہ هن باشعور سياسي دؤر ۾ قائداعظم پنهنجو هڪ منفرد ۽ غيرفاني مقام حاصل ڪري چڪو آهي. قائداعظم جو نالو هميشه جي لاءِ تاريخ ۽ جريدهء عالم جي ورقن ۾ نقش رهندو. قائداعظم جي حياتيءَ ۾ ڪيس مخالفن ۽ دشمنن سان بہ منهن ڏيڻو پيو، ڪينہ پرور ۽ اڻ سهو ماڻهن سندس وجود ۽ عظمت کان انڪار بہ ڪيو، مگر ان قسم جي احسان ناشناس ۽ عناد بہ ڪف دؤر ۾ بہ قائداعظم پنهنجي عظيم مقصد ۽ انقلابي نصب العين لاءِ رات ڏينهن مسلسل جدوجهد ڪندو رهيو. آخرڪار هو پنهنجي نيڪ مقصد ۾ ڪامياب ٿيو ۽ 'پاڪستان' سندس جيئري ئي وجود ۾ آيو.

پاڪستان جي قيام جي تحريڪ، جڏهن تہ هڪ انوکي ۽ نرالي مقصد لاءِ پيدا ٿي چڪي هئي، ان ڪري ڪيس هرطرف کان لعنت ۽ ملامت، اعتراض ۽ الزام، لعن ۽ طعن جو هدف بہ بنجڻو پيو.

ٻہ جن سياستدانن ۽ عالمن برصغير جي سياسي صورتحال ۽ ان ۾ قائداعظم جي مخلصانہ جدوجهد جي تاريخ ۽ ارتقاءِ مرحلہ بہ مرحلہ ترقي ۽ ڪاميابيءَ کي انصاف جي نگاهہ سان مطالع ڪيو آهي، تن پنهنجي راءِ کي ڪنهن بہ مصلحت کان سواءِ ظاهر ڪيو آهي.

مرحوم سر آغاخان جهڙي بين الاقوامي شهرت يافتہ بزرگ ۽ سياستدان قائداعظم متعلق فرمايو آهي:

"مان پنهنجي زندگيءَ ۾ جيترن بہ وڏن ماڻهن سان مليو آهيان، جناح انهن سڀني کان عظيم ترين انسان هو."

هڪ هندو مفڪر ڊاڪٽر ڪيلاش ناٿ ڪنجو، اعتراف ڪندي فرمائي ٿو:

"هن صديءَ جي نمايان ترين هستي نہ صرف سرزمين هند ۾، بلڪ ساري دنيا ۾ جا پيدا ٿي آهي، اها 'جناح' جي هستي هئي."

آمريڪا جي تڏهوڪي وزيرخارجہ جارج مارشل جو چوڻ آهي:

"جناح انسانن ۾ هڪ اهڙو رهنما هو، جو هرخيال سان منفرد مقام جو مالڪ هو."

سابق صدر آمريڪا ٽرومين، 'جناح' کي ڏسي محسوس ڪيو هو تہ:

اهوئي ولولہ انگيز دور هو، جنهن ۾ پاڪستان جو تصور پيدا ٿيو. ان ئي دور ۾ هڪ عظيم اسلامي مملڪت جو خيال، هڪ محسوس پيڪر جي شڪل وٺندو رهيو. پاڪستان جي تحريڪ گويا مسلمانن جي سيني انقلابي تحريڪن جو مرڪزي نقطو بنجي وئي.

پاڪستان جي تحريڪ ۾ هڪ طرف شاهہ اسماعيل شهيد ۽ سيد احمد بريلويءَ جي ديني حرارت ۽ خونِ شهادت جي آميزش هئي تہ ٻئي طرف سر سيد احمد جي جدت پسندي ۽ ٽئين طرف تحريڪ خلافت جو مجاهدانہ جوش ۽ جذبو ڪارفرما هو.

اتي پهچي ائين چوڻ ۾ ڪوبہ وڌاءُ سمجهڻ نہ گهرجي تہ انهن تنهين تحريڪن جي مجموعي انقلابي قوت سان جيڪا پاڪستان جي تصورکي تائيد حاصل ٿي، ان ۾ قائداعظم جي مجاهدانہ ۽ حقيقت پسندانہ بصيرت، تجربي، نگاهہ ۽ بلند ڪردار جو وڏو دخل رهيو آهي.

قائداعظم جنهن وسيع ۽ عظيم اسلامي مملڪت جو تصور پيدا ڪيو هو، تنهن جو بنياد محض قياس ۽ تصور، خواب ۽ خيال تي نہ هو. ان جي باقاعده منطقي ۽ سائنسي انداز ۾ حدبندي ٿيل هئي ۽ ان جون پاڙون هن ئي زمين جي پاتال ۾ پختيون هيون.

قائداعظم پنهنجي بصيرت ۽ سياسي تجزيي سان پنهنجي دور جي عظيم قوت 'عوام' کان ڪم ورتو. قائداعظم، نعره بازي ۽ جذباتي اعلانن کان ڪم نہ ورتو آهي. قائداعظم پنهنجي خيال ۽ عمل جو محور ۽ مرڪز صرف برصغير جي مسلمانن جي سياسي، معاشرتي ۽ معاشي آزاديءَ کي بنايو آهي. ۽ اسلام جي بين الاقوامي امن ۽ اتحاد، حريت ۽ آزادي واري انقلابي نصب العين کي پنهنجي نظرن اڳيان هڪ عظيم آدرش ڪري رکيو آهي. ان طرح پنهنجي عقابي نگاهن سان ماحول کي جاچي، حقيقت پسندانہ جدوجهد ڪري، ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. قائداعظم پنهنجو پورو توجهہ عصر حاضر جي جديد عوامل ۽ جديد تقاضائن تي صرف ڪيو آهي ۽ هڪ اهڙي عظيم اسلامي مملڪت بنائڻ جي خواب کي پورو ڪيو اٿس، جتي مسلمان، صحيح معنيٰ ۾ مسلمان بنجي زندگي گذاري سگهي ۽ پاڪستان، صحيح معنيٰ ۾ امن ۽ امان، صلح ۽ سلامتيءَ جي سرزمين بنجي ۽ کيس 'دارالاسلام' سڏڻ جو شرف عطا ٿئي.

قائداعظم، جو انقلابي نصب العين مسلمانن جي لاءِ طئي ڪيو هو، اهو سندس وسيع تجربي، مطالع، بصيرت ۽ حق پسندانہ صلاحيت جو سرهونِ منت آهي. قائداعظم، فلسفيانہ ڪتہ طرازين ۽ لفظي موشگافين کان ڪم نہ ورتو آهي ۽ نہ ڪو جوش ۽ جذبات کي اڀاري عوام کي همخيال بنايو اٿس. قائداعظم تمام سولي ۽ سنئين سڌي انداز ۾ ڳالهيون ڪري، مسلمانن ۾ ايمان، يقين ۽ نظم وضبط جو پختو ۽ سنجيدو احساس پيدا ڪيو آهي.

قائداعظم مسلمانن کي صاف صاف ٻڌايو تہ هو هڪ عظيم قوم ۽ عظيم ملت آهن ۽ کين دنيا جي ڪابہ قوم نظرانداز ڪري نہ ٿي سگهي. اسان جي پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت آهي، لهذا هڪ علحده وطن جي تقاضا، هڪ سائنسي ۽ معقول تقاضا آهي.

ظاهر آهي تہ جناح جي شخصيت ۽ ان جي ڪارنامن جي حيثيت تمام عظيم آهي، جنهن جي سوانح ۽ ڪارنامن لاءِ دفترن جا دفتر قلمبند ڪري سگهجن ٿا.

**ولادت ۽ اوائلي تعليم:**

چيو ويو آهي تہ جناح صاحب ٢٥ ڊسمبر ١٨٧٦ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو. هي اهو سال آهي، جنهن ۾ برطانيہ جي ملڪہ وڪٽوريہ کي قيصر هند جو لقب مليو. جناح صاحب جو والد پونجا جيڻا جو تجارتي ڪاروبار ان زماني ۾ اوج تي هو. جناح صاحب اهو خوشنصيب شخص آهي، جنهن آرام ۽ آسائش جي دؤر ۾ اک پٽي. ڇهن سالن جي عمر ۾ اوائلي تعليم لاءِ اسڪول ۾ داخل ٿيو. ڏهن سالن جي عمر ۾ بمبئيءَ روانو ٿيو ۽ هڪ سال کان پوءِ واپس ڪراچيءَ آيو ۽ سنڌ مدرسہ ۾ داخل ٿيو. پندرهن سالن جي عمر ۾ ڪرسچن مشنري اسڪول ۾ داخلا ورتائين، ۽ سورهن سالن جي عمر ۾ ميٽرڪ پاس ڪيائين.

سندس والد جي تجارت ڪافي ترقي حاصل ڪري چڪي هئي، اگر اهو گهُري ها تہ جناح صاحب کي پنهنجي ڪاروبار سنڀالڻ لاءِ چئي ها، ليڪن سندس والد صاحب کي الله تعاليٰ اها توفيق ۽ بصيرت عطا فرمائي جو هن اهو خيال ظاهر ڪيو تہ محمد علي جناح کي اعليٰ تعليم ڏياري وڃي. ان کان پوءِ کيس سڌو لنڊن موڪليو ويو. ١٨٩٢ع ۾، جناح صاحب بئريسٽريءَ جي لاءِ لنڊن روانو ٿيو. جناح صاحب علم جي حصول سان گڏ سياست ۾ بہ حصو وٺڻ شروع ڪيو. ان دؤر ۾ جناح صاحب مشهور پارسي سياسي ليڊر، دادابائي نوروزجي، جي حب الوطنيءَ، سياسي بصيرت ۽ هندستان جي آزاديءَ واري جدوجهد کان ڏاڍو متاثر ٿيو.

**لنڊن کان واپسي:**

١٨٩٦ع ۾ بئريسٽريءَ جو امتحان امتيازي حيثيت ۾ پاس ڪري، ڪراچيءَ واپس پهتو. ڪراچيءَ ۾ اچي جناح صاحب کي پتو پيو تہ والد صاحب جي تجارتي ڪاروبار ۾ ڪافي نقصان ٿيو آهي، اهو ڏٺي جناح صاحب حوصلي ۽ عزم کان ڪم ورتو ۽ مستقل مزاجيءَ ۽ همت کان ڪم وٺي حصول معاش لاءِ مشهور وڪيل هرچندراءِ وشنداس سان وڪالت جي ڪم ۾ شرڪت جي آڇ کي قبول ڪيو. ليڪن اهو اشتراڪ، مزاج جي اختلاف ڪري، قائم رهي نہ سگهيو، ۽ جناح صاحب ڪراچيءَ کي ڇڏي ١٩٠٢ع ۾ بمبئيءَ روانو ٿيو.

**بمبئي ۾:**

بمبئيءَ ۾ پهچندي سخت مشڪلاتن جو دور شروع ٿيو. مسلسل ٽن سالن تائين حالت اها رهي جو روزانہ باقاعده پنهنجي وڪالت جي آفيس ۾ ويندو هو ۽ شام جو گهر واپس پهچندو هو. ان طويل عرصي ۾ سندس وڪالت جو ڪاروبار زور وٺي نہ سگهيو، ليڪن جناح صاحب

"هندستان ۾ فقط ٻہ قوتون موجود آهن، هڪ انگريز ٻي ڪانگريس!"

ان جي جواب ۾ قائداعظم نهايت بلند حوصلي ۽ بي جگريءَ سان اعلان ڪيو تہ:

"هڪ ٽين قوت بہ هندوستان ۾ موجود آهي، جا قوت آهي مسلمان!"

نتيجو اهو نڪتو جو ٻن سالن جي اندر جناح صاحب پنهنجي مسلسل جدوجهد سان ثابت ڪري ڏيکاريو تہ برصغير ۾ 'مسلمان' هڪ عظيم قوت آهن، جن کي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي.

جڏهن ١٩٣٧ع ۾ چونڊون ٿيون، تڏهن ڪانگريس کي اهو حوصلو نہ رهيو، جو مسلم ليگ جي مقابلي ۾ پنهنجا ڪجهہ اميدوار بيهاري سگهي، ڇا لاءِ تہ ڪانگريس کي پنهنجي هار جو يقين ٿي چڪو هو.

١٩٣٧ع ۾ جڏهن آل انڊيا مسلم ليگ جو اجلاس لکنوءَ ۾ ٿيو، تڏهن قائداعظم جي اچڻ تي سندس بي مثال استقبال ڪيو ويو. هي پهريون پيرو هو جو قائداعظم کي سلوار، شيرواني ۽ ٽوپيءَ سان ڏٺو ويو.

لکنوءَ جي اجلاس جي صدارت ڪندي، ظاهر ڪيائين:

"ڪانگريسي خيال جا مسلمان ان ڳالهہ جي پروپيگنڊا ڪري رهيا آهن تہ مسلمانن کي بنا شرط شروط جي ڪانگريس ۾ داخل ٿيڻ گهرجي. ليڪن ڪين معلوم هئڻ گهرجي تہ اها سندن وڏي غلطي ٿيندي. اگر مسلمان ان فريب جو خدانخواستہ شڪار بنيا تہ پوءِ سندن قومي هستي هميشه لاءِ تباهہ ٿي ويندي."

وري ١٩٣٨ع ۾ ليگ جو اجلاس پٽنا ۾ ٿيو، اتي خطبہ صدارت ۾ ڪانگريس جي حڪمت عمليءَ ۽ هندو نوازيءَ متعلق ظاهر ڪيائين:

"مان صرف هڪ سوال پڇڻ گهران ٿو تہ رياستن ۾ گڙٻڙ ڇو ٿي ڪئي وڃي؟ حيدرآباد ۾ آريہ سماج ۽ هندو مهاسڀا جي ساري طاقت مسلمانن ۽ اڇوت ليڊرن جي خلاف ڇو ٿي استعمال ڪئي وڃي؟ مان ڪانگريس کان سوال ٿو ڪريان تہ هو ڪشمير ۾ ڇا ڪري رهي آهي؟ آريہ سماجي، مهاسڀائي ۽ قوم پرستيءَ جا مدعي ڪانگريسي، سندن اخبارون ۽ رسالا ڪشمير جي مسئلي ۾ ڇو خاموش آهن؟ ڇا ائين آهي تہ هوءَ هندو رياست آهي؟ يا ان لاءِ تہ ڪشمير جي رعايا ۾ مسلمانن جي اڪثريت آهي؟ مان هر شخص کي اپيل ٿو ڪريان تہ هو مسلم ليگ ۾ شامل ٿين، هيءَ سندن ئي جماعت آهي. ڪنهن جي ملڪيت ناهي، هيءَ اوهان جي پنهنجي تنظيم آهي. مون کي نهايت خوشي حاصل ٿي آهي تہ مسلمان هاڻي ڪافي بيدار ٿي چڪا آهن. اها شروعات نهايت اميد افزا آهي. اوهان حوصلي کي بلند رکو، فتح اوهان جي ٿيندي."

## سنڌ ۾ مسلم ليگ:

سنڌ ۾ مسلم ليگ تحريڪ تہ ڪافي وقت کان موجود هئي، پر آڪٽوبر ١٩٣٨ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ڪوٺايل ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ کان پوءِ، مسلم ليگ جو آواز سنڌ جي گهر گهر ۾

اسان جي خيال ۾ ان کان وڌيڪ پاڪستان جي دردناڪ ۽ الرانگيز منظرڪشي ۽ حقيقت جي ترجماني ڪنهن ٻئي نہ ڪئي آهي. قائدعوام جو هي بيباڪ ۽ حقيقت پسندانہ جائزو پاڪستان جي نظرياتي تاريخ ۽ پس منظر کي سمجهڻ لاءِ مشعل راه آهي.

ان کان پوءِ قائداعظم جي ان اڳواٽ ڪيل پيشگوئي جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ مشرقي پاڪستان جي علحدگيءَ ڏانهن اشارو آهي. جناب قائدعوام ان سلسلي ۾ قائداعظم جي اشارن ۽ خيالن کي پيغمبرانہ بصيرت سڏيو آهي.

قائدعوام جناب ذوالفقارعلي ڀٽو لکي ٿو:

"پاڪستان جي بانيءَ قيام پاڪستان کان يڪدم پوءِ پنهنجي پيغبرانہ بصيرت سان ڪيترن اهڙن مسئلن جي اڳواٽ نشاندهي ڪري ڇڏي هئي، جي بعد ۾ ملڪ جي مشرقي حصي ۾ پيدا ٿيا هئا ۽ ان صورتحال ۾ جيڪي خطرا لڪل هئا، تن کان پڻ هن قوم کي سختيءَ سان آگاهہ ڪري ڇڏيو هو."

(عظيم سانحو، پهريون ايڊيشن آڪٽوبر ١٩٧١ع ص ٣)

ان کان پوءِ قائدعوام حوالي طور قائداعظم جي ان تقرير جو اقتباس پيش ڪيو آهي، جا قائداعظم جي تقرير مارچ ١٩٤٨ع تي ريڊيو پاڪستان تان نشر ڪئي ويئي هئي.

قائدعوام جي مٿين پيش ڪيل اقتباس مان اجمالي طرح سان، پاڪستان جي قيام ۽ ان کان پوءِ پيدا ٿيل تلخ حالات، گذريل دؤر جي غيرجمهوري نظام ۽ آمريت واري اقتدار جي سخت گير پاليسيءَ متعلق هڪ مڪمل تاثر ۽ نتيجو حاصل ڪري سگهجي ٿو، ۽ ان جي اصلاح ۽ تلافيءَ جي جدوجهد متعلق قائدعوام ۽ سندس جدوجهد جو پورو پورو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. يعرف الاشياء باضدادها.

<u>قائداعظم ۽ پاڪستان:</u>

ان ۾ ڪوبہ شڪ ناهي تہ پاڪستان بيشڪ قائداعظم جي جدوجهد ۽ سياسي بصيرت جي پيداوار آهي. مگر افسوس هي آهي تہ باني پاڪستان جي تصورات ۽ خيالات تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ جي ڪابہ شعوري ۽ عملي ڪوشش، هن عوامي دؤر کان اڳ واري زماني ۾ نظر نٿي اچي.

قائداعظم جي سياسي تصورات کي اگر غور سان مطالعو ڪيو وڃي ها تہ پوءِ پاڪستان جي اها ڪيفيت نہ رهي ها، جا موجوده عوامي دؤر کان اڳ موجود هئي.

قائداعظم پاڪستان کي ڪهڙن اصولن، انقلابي نظرين، اخلاقي آدرشن ۽ اصلاحي نصب العين جي ماتحت تشڪيل ڏيڻ گهري ٿي، اهو سيڪجهہ سندس تقريرن ۽ تحريرن مان واضح آهي.

قائداعظم جي ارشادات کي غور سان پڙهڻ کان پوءِ هر دانشمند ماڻهو اندازو لڳائي سگهي ٿو تہ قائداعظم برصغير جي تقسيم فقط ان ڪري قبول ڪئي، جيئن پاڪستان ۾ هڪ اهڙو نظام حڪومت رائج ڪري سگهجي، جنهن جو بنياد جديد انقلابي تصورات ۽ اخلاقي توڙي اصلاحي

جو مظاهرو ڪيو آهي. جنهن مان ثابت آهي تہ قائد عوام ئي آهي جو قائداعظم جي خيال واري پاڪستان ڪي تعمير ڪري رهيو آهي.

## قائد عوام جي هڪ اهم تقرير:

ان سلسلي ۾ قائد عوام، وقت بہ وقت نهايت جرات ۽ وضاحت سان پنهنجي عزم ڪي ٻئي دهرايو آهي. قائد عوام جي تقريرن ۽ بيانن ڪي پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو تہ هو واقعي هڪ لئين پاڪستان، بلڪ قائداعظم واري پاڪستان جو معمار اول آهي.

قائد عوام هڪ تقرير ۾ فرمايو آهي:

”اسان پنهنجي معيشت جي نظام ڪي بدلائيندا سون، اسان تاريڪيءَ ۽ محروميءَ ڪي تازگيءَ ۽ روشنيءَ ۾ بدلائينداسون. اها لاف زني ناهي، پر حقيقت آهي. اهڙا ڀيا ڪيئي ملڪ موجود آهن: جن ۾ اهڙيون تبديليون اچي چڪيون آهن. انشاءالله پاڪستان ۾ بہ اهڙيون تبديليون اينديون. سون ڪي ان متعلق ڪامل يقين حاصل آهي تہ دوررس ۽ انقلابي تبديليون اينديون. سون ڪي هي بہ يقين آهي تہ موجوده اقتصادي ۽ معاشرتي قالب جي هوندي، ڪنهن بہ تبديليءَ جو امڪان ناهي.“

ان کان پوءِ اسلامي سوشلزم ۽ قائداعظم جي خيالات متعلق قائد عوام چيو آهي:

”هن موجوده سرمايہ دارانہ نظام ڪي رد ڪري ان جي جاءِ تي، ”اسلامي سوشلزم“ ڪي نافذ ڪنداسون. صرف ان نظام سان ئي، جو خالصتاً اسان جو پنهنجو ۽ ديسي نظام آهي. افلاس جو خاتمو ڪري سگهنداسون.“

ان سلسلي ۾ قائد عوام ظاهر ڪيو آهي تہ ’اسلامي سوشلزم‘ جو تخيل قائداعظم جو پيش ڪيل آهي، جو پاڪستان ۾ عملي حيثيت سان نافذ ڪيو ويندو.

قائدعوام جا لفظ آهن:

”اسلامي سوشلزم“ جو تخيل منهنجي جدت جي پيداوار ناهي، سان پنهنجي پوري طاقت ۽ همت جي مطابق، ’اسلامي سوشلزم‘ جي تبليغ ڪري، صرف قائداعظم ۽ پنهنجي ضمير جي آواز تي عمل ڪري رهيو آهيان.“

ان کان پوءِ قائداعظم جي ”اسلامي سوشلزم“ متعلق حوالو پيش ڪندي، قائدعوام چيو آهي:

”٢٦- مارچ ١٩٤٨ع تي قائداعظم فرمايو هو تہ اوهان جا هي لفظ منهنجي ۽ ڪروڙن مسلمانن جي جذبات جي ترجماني ڪري رهيا آهن تہ پاڪستان جو بنياد معاشرتي عدل ۽ ”اسلامي سوشلزم“ تي قائم رکڻ گهرجي، جنهن جو سارو زور انساني مساوات ۽ اخوت تي آهي. ان طرح اوهان سيني لاءِ هڪجهڙين سهولتن فراهم ڪرڻ واري نظام جي تقاضا ڪري، منهنجي خيالات جي ترجماني ڪري رهيا آهيو.“

# قائداعظم ـــ هڪ وضعدار انسان جي حيثيت ۾

## (شخصيت پرستيءَ جي خلاف احتجاج)

[نوٽ: قائداعظم، پنهنجي شهرت يافته ۽ مقبول عام شخصيت هوندي بہ پنهنجي بود و باش، لٽي ڪپڙي، توڙي اٿڻ ـ ويهڻ ۾ انهايت سئون سڌو ۽ عام ماڻهن وانگر هلندو هو. هن پنهنجي ايتري مقبوليت هوندي بہ پاڻ ۾ تقدس ۽ وڏائيءَ جو ڪوبہ عنصر پيدا نہ ڪيو. ورنہ سياسي توڙي مذهبي ليڊرن ۽ پيشوائن ۾ جيڪو تقدس پيدا ٿئي ٿو، ان ڪي ڏسي عام ماڻهو انهن جا هٿ چمن ٿا ۽ سندن احترام ۾ شرمناڪ قسم جو مبالغو ڪن ٿا، جنهن سان انسان جي شرف ۽ آنا ڪي سخت ايذاءُ پهچي ٿو. قائداعظم جا همعصر سياستدان، هندو توڙي مسلمان، گانڌي جي، جواهر لال نهرو، مولانا ابوالڪلام آزاد، پارا ان تقدس جو شڪار رهيا. گانڌي جي ڪي تہ 'مهاتما' بہ سڏيو ويو، بلڪ کيس 'اوتار' تصور ڪري سندس پوڄا بہ ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ قائداعظم ۽ گانڌي جي، جي سيرت ۽ ڪردار جا چند مثال پيش ڪجن ٿا. ــ غ.م.گ]

---

### ڇا مون ڪي مهاتما گانڌي بڻائڻ ٿا چاهيو؟

هي ان دؤر جو واقعو آهي، جڏهن جناح صاحب، رڳو مسٽر محمد علي جناح هو ۽ کيس 'قائداعظم' نہ سڏيو ويندو هو. تقسيم کان اڳ اسيمبليءَ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ، توڙي گرميءَ جي موسم ۾، جناح صاحب جو اڪثر ڪري شملي وڃڻ ٿيندو هو.

جڏهن تحريڪ پاڪستان جي جناح صاحب واڳ سنڀالي، تڏهن تحريڪ جي سربراهہ جي حيثيت سان کيس شملي جي پرجوش مسلمانن طرفان دعوت ڏني وئي، جا پاڻ قبول ڪيائين. شملي جي مسلمانن سندس آجيان لاءِ حد کان وڌيڪ انتظام ڪيو. ان زماني ۾ ڪارن ۽ موٽرن جي مقابلي ۾ رڪشائن جي سواري عام جام هوندي هئي. شملي جي مسلمانن اسٽيشن تي شاندار استقبال ڪرڻ کان پوءِ کيس هڪ رڪشا ۾ سوار ڪيو ۽ کيس جلسي گاهہ تائين پهچائڻ لاءِ جلوس ڪڍيو. سڀ کان اول جلوس مال روڊ وٺان لنگهيو، جنهن روڊ تي فقط سرڪاري دفتر

مان اوچتو لفظ نڪري ويا. "شڪريو، مسٽرجناح! مون کي انتهائي خوشي پهتي آهي. او خدا! مون کي اوهان جي رضامندي به ملي وئي!"

اجهو ان طرح پاڪستان جو مسئلو حل ٿيو. جناح جي ادنيٰ اشاري سان فقط.

(ڊان ٨-نومبر ١٩٧٥ع ڪراچي)

## جناح لاءِ راءِ:

لارڊ مائونٽ بيٽن ڪان اِن انٽرويو ۾ برصغير جي ممتاز ليڊرن متعلق به سندس تاثرات حاصل ڪيا ويا، جي نهايت دلچسپ آهن. هت سندس جناح صاحب متعلق پڇيل سوال جو جواب پيش ڪجي ٿو:

**سوال:** سائين- برصغير جي مشهور سياستدان ۽ پاڪستان جي بانيءَ محمدعلي جناح کي اوهان ڪيئن محسوس ڪيو؟

**لارڊ جو جواب:** برصغير جي مڙني سياستدانن ۾، جناح جي شخصيت نهايت نمايان ۽ ممتاز هئي. ٿورن لفظن ۾ چئجي ته پهاڙ وانگر پنهنجي مقام ۽ موقف، راءِ ۽ فيصلي تي محڪم ۽ سخت، ۽ ان سان گڏ انتها درجي جو ٿڌي دل ۽ دماغ وارو، سنجيدو ۽ دانشور انسان- اهو ممڪن ئي نه هو ته ڪو ماڻهو سندس سيني جي عميق گهراڻين ۾ جهاتي پائي سگهي. جناح صاحب نهايت ذهين ۽ تيزفهم هو. جناح، هميشه منهنجن دليلن کي نهايت آسانيءَ سان، پر ٿورو سرڪندي ٻڌندو هو ۽ فوراً سمجهي ويندو هو. ان جي مقابلي ۾، ٻين گهڻن ليڊرن سان مون کي ڪلاڪن جا ڪلاڪ مغز ماري ڪرڻي پوندي هئي. مان محسوس ڪندو هوس ته جناح صاحب منهنجن دليلن کان ڪافي متاثر ٿيو آهي. ليڪن حقيقت اها هوندي هئي، جو جناح منهنجي ۽ پنهنجي وچ ۾ دليلن ۽ معقول اسبابن جي هڪ ديوار کڙي ڪري ڇڏيندو هو. مون اهو به محسوس ڪيو ته جناح صاحب هميشه منهنجي ۽ پنهنجي وچ ۾ جڻ پڙدو لڙڪائي ڇڏيو آهي. هو منهنجن دليلن کي نظرانداز ڪري، پاسيرو رکي ڇڏيندو هو. مان پنهنجي سوال جي دل گهرئي جواب لاءِ سندس دماغ ۾ ڪجهه تحرڪ پيدا ڪرڻ لاءِ هميشه ناڪام رهيس. مان ڪيس سندس موقف ۽ مقام تان ڪڏهن به چوري نه سگهيس.

(پاڪستان ٽائمز لاهور ٢٥- ڊسمبر ١٩٧٥ع)

## مهاتما گانڌيءَ لاءِ راءِ:

لارڊ مائونٽ بيٽن کان، برصغير جي اُتم سياسي ليڊر مهاتما گانڌيءَ متعلق به سوال پڇيو ويو. لارڊ مائونٽ بيٽن، گانڌيءَ متعلق به ڪافي گفتگو ڪئي. ان سلسلي ۾ فقط هڪ سوال جو جواب پيش ڪجي ٿو:

**سوال:** سائين- هن دور جي عظيم مهارشي ۽ سياسي رهنما مهاتما گانڌي، جنهن جي عظيم شخصيت، روحانيت ۽ سياست جو عجيب سنگم چئي وڃي ٿي، ان متعلق اوهان جو ڪهڙو رايو آهي ۽ ان سلسلي ۾ ڪو اهڙو واقعو ٻڌايو، جو اوهان کي دلچسپ لڳو هجي ۽ اسان ۽ ٻڌندڙن لاءِ به دلچسپ ٿي سگهي.

# مهاتما گانڌي، "آزاد" جي نگاهہ ۾

## گانڌيءَ تحريڪ "ترڪ موالات" کي تباهہ ڪيو!

مولانا آزاد، تحريڪ 'ترڪ موالات' جي تباهيءَ متعلق لکي ٿو:

"چوري چورا جي حادثي ڪري گانڌيءَ تحريڪ 'ترڪ موالات' ترڪ ڪري ڇڏي. سندس اهو فيصلو سياسي حلقن ۾ سنگين ترين ردعمل ۽ ملڪ ۾ بي حوصلگيءَ جو سبب بڻيو. حڪومت ان حالت مان پورو پورو فائدو حاصل ڪيو، گانڌي جي گرفتار ڪيو ويو. کيس ڇهہ سال سزا ڏني ويئي. ۽ تحريڪ 'ترڪ موالات' آهستي آهستي ختم ٿي ويئي." (ص ١٦-١٧-١٨)

ان کان پوءِ گانڌي جيءَ متعلق مولانا آزاد هن ريت عنوان قائم ڪيا آهن: (١) پيچيده شخصيت (٢) گانڌيءَ جي لچي تدبير سياست (٣) گانڌيءَ جي زبردست غلطي (٤) جنگ جي زماني ۾ تحريڪ هلائڻ جو مخالف (٥) گانڌي ١٩٤٢ع ۾ عوامي تحريڪ لاءِ تيار ٿيو (٦) سردار پٽيل جو گانڌيءَ تي اثر هو (٧) گانڌيءَ جون گول مول ڳالهيون (٨) بغاوت جو اعلان ۽ فوراً صلح جي ڪوشش (٩) گانڌيءَ جي خوداعتمادي ۾ زلزلو (١٠) گانڌي جيءَ کي ويسر هئي (١١) گانڌيءَ سان منهنجو اختلاف (١٢) مون کي چيائين، "استعفا ڏئي وڃ!" (١٣) گانڌيءَ جو دماغي توازن (١٤) گانڌيءَ سان منهنجو اختلاف (١٥) گانڌيءَ جو عجيب غريب بيان (١٦) گانڌي جيءَ جون قلابازيون (١٧) گانڌي جي ساڳئي وقت تي تشدد ۽ عدم تشدد جو قائل هو (١٨) گانڌي مولانيءَ سان راهہ بدلائيندو هو (١٩) ڪابينہ وفد جي سفارش جي تائيد (٢٠) وفاقي دستور جو حامي (٢١) تقسيم جي خلاف اظهار خيال (٢٢) پٽيل جي غلط مشورن جي تائيد (٢٣) گانڌي جي ماريو ويو (٢٤) پٽيل جي سازش ۽ بي پرواهي(*).

هي عنوان ڪنهن بہ تبصري جا محتاج ناهن، لفظ پنهنجي مفهوم سميت چٽي ڳالهائي رهيا آهن.

مولانا آزاد جي مٿين عنوانن مان ئي ظاهر آهي تہ مولانا آزاد گانڌي جيءَ جي شخصيت جو پورو پورو تجزيو ڪري چڪو هو.

## گانڌيءَ سان اختلاف:

مولانا آزاد لکي ٿو: "گانڌي جيءَ ورڪنگ ڪميٽيءَ کي مشورو ڏنو تہ بين الاقوامي بحران جي هن موقعي تي هندستان جو مؤقف واضح ڪري. گانڌي جيءَ جي راءِ اها هئي تہ ڪنهن بہ حالت ۾ هندستان کي جنگ ۾ شريڪ نہ ٿيڻ گهرجي، پوءِ پلي تہ ان جي عيوض هندستان کي آزادي ئي ڇو نہ ملي!

---

(*) ظاهر آهي تہ گانڌي جيءَ جهڙي عظيم شخصيت متعلق اهڙا سخت ۽ تلخ عنوان شايد ڪتاب جي مترجم اي. آر. جعفريءَ جا قائم ڪيل آهن، ورنہ محسوس ائين ٿو ٿئي تہ مولانا آزاد جي محتاط تحرير ۾ ان قسم جا عنوان نہ هوندا، پر ڪجهہ نرم هوندا. بهرحال اهو بار اي. آر. جعفريءَ تي آهي. والله علم. -غ. م. ڪ.

## ذهني بار

مولانا لکي ٿو: ”جواهرلال جي طبيعت ۽ فطرت بہ عجيب هئي. ذهني بار جي ڪري، رات جو ننڊ ۾ وڦلندي، ڪڏهن گانڌي ۽ ڪرپس ۽ ڪڏهن منهنجي متعلق ڳالهيون ڪندو هو، ۽ ڪڏهن بحث مباحثو ڪندو هو. جنهن جو مطلب آهي تہ هو نفسياتي طور حد کان وڌيڪ جذباتي هو.“ (ص ٥)

## جواهرلال ۽ مان

مولانا فرمائي ٿو: ”اسان ٻئي پاڻ ۾ دوست هئاسين. جواهرلال منهنجو بهترين دوست هو. اسان هر مسئلي کي هڪڙيءَ نظر سان ڏسندا هئاسون، ۽ هڪٻئي جي اعتماد تي هڪٻئي جي تائيد ڪندا هئاسون. اسان ۾ حسد ۽ رقابت جي ڪابہ گنجائش نہ ڪانہ هئي.“

## جواهرلال جي هڪ ڪمزوري

مولانا لکي ٿو: ”جواهرلال جي هڪ ڪمزوري اها هئي تہ هو نهايت تخيل پسند هو، جن سان ساٿين خوب فائدو ورتو ۽ تحريڪ کي نقصان پهچايو. انهن ساٿين کيس برغلائي منهنجي خلاف ڪري ڇڏيو“. (ص ٩)

## جواهرلال جو مون تي سنگين الزام

مولانا لکي ٿو: ”مون محسوس ڪيو تہ جواهرلال هرمعاملي ۾ منهنجي مخالفت ڪرڻ شروع ڪئي آهي. مون کي بلڪل صاف نموني ۾ چئي ڏنائين تہ اوهان جي پنجاب متعلق پاليسي بلڪل غلط آهي؛ بلڪ ائين بہ چئي ڏنائين تہ اوهان جي ڪانگريس جو وقار مجروح ٿي چڪو آهي.“ (ص ١١)

## جواهرلال ڪشمير ۾ غلطي ڪئي

مولانا فرمائي ٿو: ”ڪشمير ۾ جواهرلال جي داخلا ۽ گرفتاريءَ تي مون کي سخت غم ۽ غصو هو. ان هوندي بہ مون چيو تہ ڪشمير جي معاملي ۾ هن وقت ڪانگريس جي پاران هڪ نئين جنگ جو محاذ کولڻ جواهرلال جي غلطي هو.“ (ص ١٤٨)

## جواهرلال جي فطرت

مولانا لکي ٿو: ”عارضي حڪومت جي قيام کان پوءِ، باوجود ڊاڪٽرخان جي چيف منسٽر هئڻ جي، ماڻهو ڪانگريس جي بجاءِ مسلم ليگ سان وفادار بڻجي چڪا هئا. جواهرلال سرڪاري رپورٽ کي بہ من گهڙت قرار ڏنو ۽ دوري جو فيصلو ڪيائين. سندس فطرت بہ عجيب آهي، سندس اڪثر فيصلا وقتي جذبي جي تابع رهن ٿا ۽ اڳتي هلي غلط ثابت ٿين ٿا. اسان ۽ گانڌي جي، ٻنهي کيس سمجهايو تہ هن وقت سرحد جو دورو نامناسب ثابت ٿيندو ۽ مسلم ليگ جي مقبوليت ۾ اضافو ٿيندو، تڏهن چيائين تہ نتيجا ڀلي ڪهڙا بہ نڪرن، هو سرحد ضرور ويندو.

نتيجو اهوئي نڪتو جو اسان اڳ ۾ ئي ظاهر ڪيو هو. ڪانگريس جي نامقبوليت ۽ ليگ جي مقبوليت ۾ اضافو، اهو سيڪجهه جواهرلال جي ضد ۽ غيرمعقول جذبات جي ڪري ٿيو." (١٦٩-١٧٠)

## مائونٽ بيٽن ۽ جواهر لال

مولانا فرمائي ٿو: "مائونٽ بيٽن هڪ مهيني جي اندر سندس راءِ ڪي بدلائي ڇڏيو ۽ تقسيم جو مخالف جواهرلال تقسيم جو مبلغ بنجي پيو."

## ليڊي مائونٽ بيٽن جو اثر

مولانا لکي ٿو: "نه فقط لارڊ مائونٽ بيٽن جواهرلال جهڙي بااصول مگر جذباتي انسان کي پنهنجي دام ۾ ڦاسايو، پر ان سان گڏ ليڊي مائونٽ بيٽن ڪان تمام حد کان وڌيڪ متاثر رهيو. ليڊي نه فقط هڪ ذهين ۽ حسين عورت هئي، پر ان سان گڏ دل کي موهيندڙ شخصيت جي مالڪ هئي. ظاهر آهي ته جواهرلال جهڙو جذباتي ۽ تخيل پسند، ليڊي مائونٽ بيٽن جي زلف گره گير جو اسير ٿي ويو. اسان ان تعلق کي حيرت سان ڏسندي رهجي وياسون ته آخر هن تعلق جو راز ڪهڙو آهي؟"

## ڪرشنامينن ۽ جواهرلال

مولانا لکي ٿو: "اسان کي چڱيءَ طرح خبر آهي ته جواهرلال، ڪرشنامينن جي هر ڳالهه ڏاڍي غور ۽ شوق سان ٻڌي ٿو. اسان محسوس ڪيو ته جواهرلال کي اڪثر ڪري غلط مشورا اهو مينن ئي ڏيندو رهيو آهي. ٻيو ته ڇڏيو، ان مسئلي تي پٽيل ۽ مان ٻيئي متفق راءِ رهياسون ته ڪرشنامينن بدخواهه ۽ بدڪردار آهي." (١٨٣-١٨٤)

## جواهرلال تقسيم هند جو مبلغ

مولانا فرمائي ٿو: "اڃا ٻه-چار ڏينهن گذريا ته جواهرلال مون کي چيو ته اسان کي اجائي خوش خياليءَ ۾ مبتلا رهڻ نه گهرجي، حقيقت کي قبول ڪرڻو پوندو. آخر ۾ مون کي چيائين ته تقسيم هند جي مخالفت کي ترڪ ڪرڻ گهرجي، اوهان به ان جي مخالفت ترڪ ڪريو، ڇو ته تقسيم جو مسئلو هاڻي حقيقت بنجي چڪو آهي، ان ڪري اها عقلمندي نه ٿيندي ته جا حقيقت رونما ٿيڻ واري آهي، ان جي اجائي مخالفت ڪندا رهون. اها ڳالهه به دوراندیشيءَ جي خلاف آهي ته اسان اڃا به اکيون نه کوليون! مون کيس سمجهايو ته فتح ڪنهن جي؟ اسان جي يا جناح جي؟ جذباتي لهجي ۾ جواب ڏنائين، ڪنهن جي به!" (١٨٥-١٨٦)

# پٽيل، آزاد جي نظر ۾

قائداعظم ۽ سندس سياسي فراست کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ ۽ برصغير جي سياسي پيچ وخم کي مطالع ڪرڻ جي معاملي ۾ پٽيل جي شخصيت ۽ ان جو منفي ڪردار قابل توجهه آهي، جنهن جو مقابلو هميشه جناح سان رهيو ۽ آخرڪار شڪست کاڌائين.

مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي

# وطن جي آزادي ۽ پاڪستان بنائڻ ۾ سنڌ جو ڀاڱو

(نوٽ: برصغير جي مشهور ديني ۽ سياسي ليڊر ۽ مفڪر امام‌الانقلاب حضرت مولانا عبيدالله سنڌي رحہ جي فضل ۽ ڪمال، ديني ۽ سياسي بصيرت ڪان پوري دنيا متعارف آهي. هي معلومات‌افزا ۽ محققانہ شاهڪار، حضرت مولانا سنڌي جي تلميذ رشيد، استادالعلماء علامہ مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي مدظله العاليٰ جن خاص طرح سان سنڌ جي عالمن جي سياسي جدوجهد ۽ قائداعظم جي سياسي زندگيءَ متعلق مهراڻ جي هن نمبر لاءِ قلمبند فرمايو آهي. هي مقالو برصغير جي سياسي تاريخ جو اهو باب آهي، جنهن ۾ ڪن اهم مسئلن متعلق اهڙو مواد پيش ڪيو ويو آهي، جنهن جو ملڻ مشڪل هو. ان سلسلي ۾ فيروز خان نون، پيرزاده شريف‌الدين، اشتياق حسين قريشي (سابق وائيس چانسيلر ڪراچي يونيورسٽي) چوڌري خليق‌الزمان، عبدالوحيد خان، پروفيسر شميم‌احمد، مسٽر اصفهاني، مسٽر جي. الانا، مرحوم حاتم. اي علوي صاحب وغيرهم جا ڪتاب، پاڪستان جي جدوجهد ۽ قائداعظم جي سوانح حيات متعلق ڪافي شهرت حاصل ڪري چڪا آهن.

ان سلسلي ۾ مسلم ليگ جي مشهور ليڊر سر محمد يامين جي تازي ڪتاب 'نامہ اعمال' (ٻن جلدن ۾) ۾ جي عجيب انڪشاف موجود آهن. مولانا قاسمي صاحب انهن متعلق بہ محققانہ بحث ڪيو آهي ۽ پاڪستان جي باني قائداعظم جي سياسي جدوجهد ڪي برصغير جي سياسي پس منظر ۾، هڪ نئين زاويہ سان مدلل ۽ پراثر انداز ۾ متعارف ڪرايو آهي. ممڪن آهي تہ ڪي علم وارا، محترم قاسميءَ صاحب جي ڪن دليلن ۽ نتيجن سان اختلاف محسوس ڪن، پر هڪ محقق ۽ عالم جي ڪاوش کي ذاتي خيال کان الڳ ٿي مطالع ڪرڻ گهرجي. غ. م. گ)

مسرت جو مقام اهو آهي ته هو ڪجهه ڪامياب به ٿي رهيا آهن. اهو ان حقيقت جو دليل آهي ته اتفاق سان سندن پهريون قدم صحيح رستي تي آيو آهي، غلط رستي تي سندن قدم ناهي. مان ائين نه ٿو چئي سگهان ته اهو صحيح قدم قرآن ۽ سنت جي روشنيءَ ۾ اختيار ڪيو ويو آهي. بهرحال جا به صورت پيدا ٿي آهي، ان لاءِ اوهان سڀ مبارڪ جا مستحق آهيو.

”اوهان جو پهريون قدم جداگانه تنظيم متعلق آهي، جنهن جي اڄڪلهه سخت ضرورت محسوس ٿي رهي آهي. ڪنهن به عقل واري وٽ ان کان انڪار ڪرڻ جي گنجائش ناهي، ڇو ته عقلي توڙي نقلي طور تي، هي مسئلو پنهنجي جاءِ تي ثابت ٿي چڪو آهي ته جا قوم پنهنجي مستقل تنظيم نه ٿي قائم ڪري سگهي، سا دنيا ۾ زنده رهي نه ٿي سگهي. بلڪ ٻين قومن ۾ جذب ٿي ڪالعدم ٿي وڃي ٿي. مسلمانن کي پنهنجي علحده ۽ آزاد تنظيم هئڻ گهرجي، باقي غير اسلامي جهنڊي هيٺ جا مشترڪه تنظيم ٿئي ٿي، اها مسلمانن لاءِ مفيد نه سمجهڻ گهرجي. ان ۾ فقط اڪثريت کي ئي فائدو پهچي سگهي ٿو. اقليتن کي ان مان ڪو به فائدو نه ٿو پهچي سگهي.

چنانچه ليگ وارن نهايت دانشوريءَ کان ڪم ورتو آهي، جو انهن مسلمانن جي تنظيم جو علحده نظام قائم ڪيو آهي. ان کان بعد ئي ڪين ”مشترڪه تنظيم“ مان فائدو پهچي سگهي ٿو، ورنه هو هميشه ٻين جا حاشيه بردار بڻجي ويندا ۽ ٻين جي رحم ڪرم تي محتاج ۽ مجبور بڻجي ويندا ۽ ڪجهه عرصي کان پوءِ اڪثريت ۾ فنا ٿي ويندا.

”هيءَ اها چيز آهي، جنهن کي قرآن ”جندنا“ لفظ سان اشاري طور بيان ڪيو آهي، جڏهن ته ’جند‘ لشڪر کي چئجي ٿو ۽ لشڪر اجتماعي شان سان بڻبو آهي. انفرادي حالت ۾ ڪنهن به قوم جو تعداد ڪٿي ڪيترو ئي هجي، ان کي ’لشڪر‘ نه ٿو چئي سگهجي، ۽ الله جو لشڪر اهو آهي جو الله جي نالي تي منظم ڪيو وڃي. وطن پرستي ۽ قوم پرستيءَ جي موجوده دؤر واري بي معنيٰ نالي تي جا تنظيم ناهي وڃي ٿي، اها فقط شاندار دعوائن تائين محدود رهجي وڃي ٿي، ان ۾ عمل جي ڪا صلاحيت نه ٿي پيدا ٿئي. هي پهريون قدم هو جو مسلمانن ليگ جي دعوت تي صحيحون ڪيون آهن.

”ان کان پوءِ ٻيو قدم اهو کڻڻ گهرجي، جنهن ۾ قرآن جي هدايتن تي عمل رکيو وڃي. رسول الله صلّي الله عليه وآله وسلم جي عمل ۽ اسوه حسنه کي پنهنجي سامهون رکيو وڃي. مسلمانن کي ڪنهن به ٻئي جي اتباع ۽ تقليد جي ڪا ضرورت ناهي. انهن وٽ پنهنجو سرمايو خود گهر ۾ موجود آهي، جنهن کي ڪاميابيءَ جو ذريعو سمجهڻ گهرجي. افسوس جو مسلمان ٻين جي تقليد ۽ اتباع ڪندي، ترقي ڪرڻ ٿو گهري.

حامد علي قريشي ايم- اي

# قائداعظم ۽ پاڪستان

## اڇوت ليڊرن ڊاڪٽر امبيڊڪر ۽ اي- ڪرپلائي جي تائيد

(نوٽ : برصغير جي تاريخ ۾ 'اڇوت' قوم سان جيڪو ڪانگريس، مهاسڀا، آريہ سماج، شڌي ۽ سنگهٽن تحريڪن ظلم ڪيو آهي، اهو دل ڪي ايذائيندڙ داستان آهي. ان تحريڪ جو مرڪز آهي 'هريجن تحريڪ'، جنهن موجب ڪانگريس پاران ڪروڙها اڇوتن کي 'هندو ۽ هريجن' سڏي، هندن جي اڪثريت کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي. اهو گانڌيءَ جو سياسي عمل هو. ان جي مقابلي ۾ 'آريہ سماج'، 'شڌي ۽ سنگهٽن' تحريڪن وري اڇوتن کي 'شڌ' بنائي، هندوجاتيءَ جي انداز کي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي.

انهن تحريڪن جي رد ۽ مقابلي ۾ ڊاڪٽر امبيڊڪر دليلن ۽ انگن اکرن جا انبار لڳائي ڇڏيا ۽ نہ صرف برهمنزم ۽ ڪانگريس، هندو سڀا، آريہ سماج ۽ شڌي تحريڪن جي ترديد ڪيائين، پر ان سان گڏ قائداعظم ۽ پاڪستان جي تائيد بہ ڪيائين. ان سلسلي ۾ سندس ڪتاب "پاڪستان جي باري ۾ چند خيالات" (Thoughts on Pakistan) ۽ مشهور اڇوت بيرسٽر مسٽر اي- ڪرپلاڻي، مدراس، جي مضمون جا ڪجهہ اقتباس پيش ڪجن ٿا، جن جو ترجمو مشهور اهل قلم ۽ تاريخي مقالہ نگار مسٽر حامد علي قريشي خاناڻي ايم- اي ڪيو آهي. —غ. م. گ)

امبيڊڪر فرمائي ٿو: "تاريخ شاهد آهي تہ برصغير هند جي حقيقي اڪثريت فقط 'اڇوت' آهن، جن کي تعليم ۽ اقتصاديات جي لحاظ سان صدين کان پسمانده رکيو ويو آهي. ويدڪ دور

## پاڪستان:

ڊاڪٽر امبيڊڪر ايتري علمي گفتگو کان پوءِ پاڪستان متعلق هن طرح لکيو آهي: "سمجهڻ کپي ته 'پاڪستان' هندوستان جي جسم تي هڪ غير طبعي زائد چيز آهي، اگر ٻنهي کي هڪ رسي ۾ ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي ته پوءِ هندوستان، ايشيا جو 'مرد بيمار' بڻجي ويندو. پاڪستان ۽ هندوستان کي اگر ملائڻ تي اصرار ۽ تڪرار، ضد ۽ اختلاف قائم رکيو ويندو ته پوءِ اهو گويا "ٻن مختلف جنسن جي غير فطري وحدت" جي ناڪام ڪوشش ڪئي ويندي. ڪانگريسي ليڊرن جي دماغ ۾ اها ڳالهه اجا نه تي ويهي، جي چئي رهيا آهن ته 'پاڪستان' جي وجود ۾ اچڻ سان هڪ غلط چيز وابسته آهي ۽ اها آهي، هندوستان جا ٽڪر ٽڪر ٿيڻ. پر ڪين اهو سمجهڻ گهرجي ته ائين ڪرڻ سان وڏي ۾ وڏو فائدو جيڪو پيدا ٿيندو، سو اهو آهي ته ائين ڪرڻ سان ٻنهي ۾ هم آهنگي پيدا ٿي ويندي. اگر هند کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويندو ته پوءِ هرڪو حصو زياده تعمير پسند ثابت ٿيندو، ڇو ته هر ڪنهن حصي وٽ، هڪ علحده ثقافتي اتحاد ۽ مذهبي هم آهنگي موجود رهندي. منهنجو هي خيال "هند" جي خيرخواهيءَ جي خيال سان آهي ۽ ڪانگريس جي هندو جارحانه اڪثريت جي ضد جي اصلاح لاءِ آهي.

## اڇوت:

ان سلسلي ۾ اسان اڇوتن کي به فائدو پهچندو، ڇو ته جيڪي اڇوت پاڪستان ۾ رهندا، سي چڻ ته پنهنجن مٽن مائٽن، عزيز ۽ پاڙن ۾ رهجي ويندا. 'مسلمان' سڀ کان زياده فراخ دل، انسانيت پسند ۽ انسان نواز آهي، ان ڪري اڇوتن کي جيڪي حق ملي سگهندا، اوترا حق ڪين نه ڀارت ۾ ملي سگهندا، ۽ نه يورپ ۾ ۽ آفريڪا ۽ آسٽريليا ۾، جتي مذهب، رنگ، ذات، اچي ۽ ڪاري چمڙيءَ جا جهڳڙا موجود آهن.

## ڪانگريس جا دليل:

منهنجي خيال ۾ ڪانگريس وارن جا دليل اهڙا آهن، جهڙا اهي بدن جي 'روح' کان محروم هجن. الهن اجا تائين برصغير جي سياسي حل کي ايترو نه سمجهيو آهي، جيترو قائداعظم محمد علي جناح سمجهيو آهي. اسان کي ان سان ٻيو فائدو اهو به ٿيندو ته خوشحال پاڪستان جي اڇوتن جي خوشحاليءَ جو اثر، لازمي طرح سان باقي بچيل هندوستان تي پوندو. انهن جي ليڊرن ۽ اقتدار وارن جي ذهني استبداد ۾ ڪجهه نه ڪجهه اعتدال ايندو. يقين آهي ته اڳتي هلي، پاڪستان جي موجودگيءَ ۾، ڀارت جو برهمڻ، اسان اڇوتن کي ڪجهه وڌيڪ رعايتن ۽ حقن ڏيڻ لاءِ تيار ٿئي، ۽ اسان جي مطالبي "اڇوتستان" کي قبول ڪري وجهي. اهو اگرچه منهنجو قياس آهي، ڇا لاءِ ته برهمنزم، اهڙي قسم جي دل ۽ دماغ کان محروم آهي، جا

"انور" هالائي

# قائداعظم جي پاڪستان لاءِ جدوجهد

نوٽ: پاڪستان جي قيام ۽ بقا لاءِ جيڪا قائداعظم جدوجهد
ڪئي آهي، ان جي تاريخ ساز انقلاب کان ڪو به انڪار ڪري
نٿو سگهي. قائداعظم پنهنجي سياسي فراست ۽ تدبر سان برصغير
جي سياسي رخ کي موڙڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري انساني
تاريخ ۾ هڪ نئون اضافو ڪيو آهي.
هن جامع ۽ دلڪش تحرير ۾ محترم انور هالائيءَ پاڪستان
جي بانيءَ جي جدوجهد کي نهايت سهڻي انداز ۾ قلمبند ڪيو
آهي. اميد آهي ته هي مضمون 'مهراڻ' جي ناظرين ڪرام لاءِ
هڪ معلومات افزا شاهڪار ثابت ٿيندو. —غ. م. گ

---

ايشيا دنيا جي قديم تاريخ جو اهو کنڊ آهي، جنهن جا ڌرم ۽ مذهب، تهذيب ۽ تمدن، صنعت ۽ حرفت، فن ۽ ڪاريگري هر دؤر ۾ نه رڳو نمايان پئي رهيا آهن، پر انهن جي پس منظر ۾ اهڙائي قصا ۽ داستان آهن، جن تان اڄ تائين به لٽ نه لاٿي ويئي آهي. جيتوڻيڪ تاريخدانن انهن داستانن کي منظرعام تي آڻڻ ۾ وسان ڪين گهٽايو آهي.

ايشيا، نه رڳو رموز و عجائب جي ڌرتي آهي پر ان جي گود ۾ اهڙيون اهڙيون شخصيتون پيدا ٿيون، جن جي جدوجهد ۽ عمل جي اجراڻ اڄ به دنيا جي تاريخ کي روشن بڻايو پيئي آهي. سنڌ به ان ايشيا جوئي حصو آهي، جتي قائداعظم محمدعلي جناح جهڙي عظيم شخصيت جنم ورتو، جنهن جي عملي جدوجهد جي ڪري، دنيا جي تاريخ ۾ هڪ اهڙي نئين مملڪت وجود ۾ آئي، جنهن جو نظريو سڄيءَ دنيا کان جداگانه هو، جنهن جي فڪري بلندين کي دنيا وارا اڄ به سمجهي نه سگهيا آهن ته ڪيئن دنيا جي گولي تي هڪ نئين ملڪ جون حدون نمودار ٿي ويون.

قائداعظم محمدعلي جناح پنهنجي حياتيءَ ۾ ڪڏهن به پنهنجي شخصيت ۽ ڪردار ۾ رياءَ ۽ ڏيکاءُ پيدا ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي.

برطانيہ گورنمينٽ سان پاڪستان جي اهميت متعلق ڳالهيون ڪندو رهيو. آخرڪار مسٽر ايٽلي برطانيہ جي وزيراعظم فيصلو ڏنو تہ ١٥- آگسٽ ١٩٤٧ع تائين هندستان جو ورهاڱو ڪيو وڃي ۽ ان جي حڪومت جون واڳون اتي جي رهاڪن کي ڏنيون وڃن. ان تاريخ کان ڏيهي رياستن تان انگريزي راڄ ختم ٿي چڪو، ان کان پوءِ انهن رياستن کي ان فيصلي ڪرڻ جو حق ڏنل هو تہ هو هندستان ۾ شامل ٿين يا پاڪستان ۾ يا بلڪل آزاد ٿي رهن.

مسلم قوم جي نظريہ موجب پاڪستان جو قائم ٿيڻ اڄوڪي دور جو اهم ترين انقلاب آهي. اهڙيءَ طرح پاڪستان جي تشڪيل مسلم قومي نظريہ مطابق يورپ ۽ اهل مغرب لاءِ هڪ کليل چئلينج ثابت ٿي. ڇاڪاڻ تہ اهو سڄي دنيا جي اصول اجتماع ۽ معاشري جي اجتماعي هيئت کان انڪار آهي. ڇا لاءِ تہ مسلمانن، مذهبي بنياد کان سواءِ ٻي هر شيءِ کي قابل توجهہ نہ قرار ڏنو. اهڙيءَ طرح قائداعظم دور حاضره جو سڀ کان وڏو انقلابي ليڊر ثابت ٿيو.

تاريخ شاهد آهي تہ جڏهين انساني فطرت ڪنهن نئين رخ، نئين سوڙ ڏانهن توجهہ ڪندي آهي تڏهن هوءَ اهڙي قسم جو ئي انقلاب پيدا ڪندي آهي. قائداعظم جو هي پاڪستان بہ ان انساني فطرت جي عين تقاضا مطابق آهي.

---

”اسين جيترو جلد پاڻ کي نين تقاضائن سان ٺهڪائي سگهون ۽ جيترو جلد اسان جي خيال جون نظرون اُفق جي ٻئي پار انهن لامحدود ترقيءَ جي امڪانن کي ڏسي وٺن، جيڪي اسان جي قوم ۽ ملڪ لاءِ موجود آهن، اوترو پاڪستان لاءِ بهتر ٿيندو. ۽ فقط انهيءَ ئي حالت ۾ اسان لاءِ ممڪن ٿي سگهندو تہ اسين انساني ترقي، سماجي انصاف، مساوات ۽ اخوت جي انهن اصولن کي عمل ۾ آڻي سگهون، جن جي خاطر پاڪستان وجود ۾ آيو هو؛ ۽ اسين فقط انهيءَ ئي حالت ۾ پنهنجي ملڪ اندر هڪ مثالي سماجي نظام قائم ڪرڻ جي لامحدود امڪانن کي عملي جامو پهرائي سگهنداسين......“ — قائداعظم محمد علي جناح

۱- آڪٽوبر ۱۹۳۰ع تي کهڙي، حاجي عبدالله هارون ۽ جي- ايم- سيد جي مشوري تي، سر شاهنواز ڀٽي پاران جناح صاحب کي ڪارلٽن هوٽل ڪراچيءَ ۾ ڊنر ڏني وئي. ان ۾ جناح صاحب کي "سنڌ جي جدائيءَ واري مسئلي" جي تائيد ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو ويو. ياد رهي ته ٻئي ڏينهن جناح صاحب ۽ سر شاهنواز ڀٽو، لنڊن گول ميز ڪانفرنس ۾ وڃي رهيا هئا.

۱۲- نومبر ۱۹۳۰ع کان ۱۹- جنوري ۱۹۳۱ع تائين لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس منعقد ٿي. ان ۾ ڪانگريس عدم تعاون ڪندي شرڪت نه ڪئي. ان ۾ سنڌ جا ٻه نمائندا سر شاهنواز ڀٽو ۽ سر غلام حسين هدايت الله شريڪ ٿيا.

سر شاهنواز ڀٽي انگلنڊ جي وزيراعظم مئڪڊونالڊ کي خط لکي تقاضا ڪئي ته سنڌ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪئي وڃي.

سر شاهنوازخان ڀٽي جي معقول ۽ اثرائتي تقاضا تي برطانيه سرڪار ارل رسيل جي صدارت هيٺ ڪميٽي مقرر ڪئي، جنهن جا مکيه ميمبر سر آغاخان، **جناح صاحب**، سر شفيع، ڊاڪٽر شفاعت احمد، ڊاڪٽر سولجي، مسٽر چنتامني، راجا نريندرالاٿ، سردار پُورن سنگ، مسٽر جيڪر وغيره هئا. ان ۾ سر شاهنواز ڀٽي مرحوم سنڌ جي جدائيءَ متعلق نهايت مدلل تقرير ڪئي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ان ڪميٽيءَ سنڌ کي بمبئيءَ کان جدا ڪرڻ جي سفارش ڪئي، جنهن کي گول ميز ڪانفرنس به قبول ڪيو.

ساڳئي سال ۱۹۳۱ع ۾ سيپٽمبر کان ڊسمبر تائين ٻي گول ميز ڪانفرنس منعقد ٿي. ان ۾ ڪانگريس پاران مهاتما گانڌي به شريڪ ٿيو. ان ۾ ڪنهن به فيصلي تي اتفاق نه ٿيو ۽ مئڪڊونالڊ وزيراعظم انگلستان سنڌ جي جدائيءَ جي اصول کي قبول ڪري پڌري پٽ اعلان ڪيو ته سنڌ جي جدائيءَ جي حق ۾ پيش ٿيل دليل معقول آهن، ۽ مخالفن جي دليلن ۾ ڪابه پختگي ڪانه آهي، ۽ اهي نهايت ڪمزور ۽ اجايا آهن.

مئڪڊونالڊ وزيراعظم جي ان اعلان موجب هند سرڪار اپريل ۱۹۳۲ع تي آنريبل برين جي صدارت هيٺ هڪ هندن ۽ مسلمانن تي مشتمل ڪميٽي مقرر ڪئي، جنهن کي مخالفن جي اعتراض ته "سنڌ کوٽ وارو صوبو رهندو" جو جواب تيار ڪرڻو هو. ان جو مکيه ميمبر سر شاهنواز ڀٽو هو ۽ ساڻس ٻيا هي ميمبر رکيا ويا. (۲) آنريبل ميان علي بخش (۳) حاجي عبدالله هارون (۴) مير بنده علي خان (۵) خانبهادر الله بخش سومرو (۶) خانبهادر کهڙو (۷) قاضي عبدالرحمان (۸) لالچند نولراءِ (۹) ديوان مرليڌر (۱۰) چيلاڻي (۱۱) هوشنگ ڊنشا (۱۲) اي. ايل. پرائس (۱۳) پروفيسر ڀٽيجا (۱۴) مسٽر ڊو.

۶- سيپٽمبر ۱۹۳۲ع تي خانبهادر کهڙي هڪ پمفلٽ، فرقه پرست هندن جي ڪتابچه "انٽي سنڌ سيپريشن" جي جواب ۾ تيار ڪيو، جنهن ۾ معقول دليلن سان سنڌ جي جدائيءَ جي تائيد ڪئي وئي.

۵ فبروري ۱۹۳۳ع تي، سنڌ آزاد ڪانفرنس جي ورڪنگ ڪاميٽيءَ ڪراچيءَ ۾ وزيراعظم انگلنڊ جي سنڌ جي جدائيءَ واري اصول قبول ڪرڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ سنڌس شڪريو بجا آندو، ۽ پير سيد علي محمد راشديءَ جي اهو ڪم حوالي ڪيو ويو ته هو 'سنڌ زميندار' ۽ 'ستاره سنڌ' اخبارن ذريعي، سنڌ جي جدائيءَ جي تائيد ۾ قلمي جهاد ڪري، مخالفن کي جواب ڏيندو رهي.

۱۵ نومبر ۱۹۳۲ع تي سنڌ آزاد ڪانفرنس حيدرآباد جي صدارت ڪندي، سنڌ جي جدائيءَ متعلق هڪ پرزور ۽ مفصل خطبه صدارت پڙهيو، جنهن مخالفن جي دليلن کي ڪمزور بنائي ڇڏيو ۽ سنڌ متعلق زوردار ٺهراءُ پاس ڪيو.

هي آهن مختصر طور تي، سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جا تاريخي مرحلا.

سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي سلسلي ۾، جي سياسي مرحلا ٿي گذريا، تن جي مختصر ذڪر کان پوءِ، واضح رهي ته سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ جي تحريڪ جي سلسلي ۾ برطانيه سرڪار هڪ رسل ڪميٽي مقرر ڪئي هئي. ان جو پهريون ۽ پيو اجلاس ۱۲ نومبر ۱۹۳۰ع کان ۱ ڊسمبر ۱۹۳۰ع تائين هليو.

ان ڪميٽيءَ جو چيئرمن 'ارل رسل' هو ۽ پيا ميمبر هن ريت هئا: هزهائنس سر آغا خان، قائداعظم محمد علي جناح، سر شاهنوازخان ڀٽو، سر غلام حسين هدايت الله، سر عبدالقيوم، ڊاڪٽر شفاعت احمد، سر محمد شفيع، سردار پورنسنگ، ڊاڪٽر مونجي، مسٽر ايم. آر. جيڪار، راجا نرندرناٿ، سي. واءِ. چنتامڻي، بي. وي. جادهو، ايچ. بي. موري، سر هيوبرٽ ڪار ۽ مارگوئس وغيره.

ان ڪانفرنس ۾ سنڌ جي آزاديءَ جي دلائل تي مشتمل، سر شاهنواز ڀٽي مرحوم جيڪا تقرير ڪئي، سا سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ نهايت اهم ۽ تاريخي حيثيت رکي ٿي. ان جي پرزور تائيد قائداعظم محمدعلي جناح ڪئي. اهو خيال ۾ رکڻ گهرجي ته قائداعظم سنڌ جي علحدگيءَ واري مسئلي متعلق ۱۹۲۵ع کان وٺي ڪم ڪندو آيو آهي.

سڀ کان اول آل انڊيا مسلم ليگ علي ڳڙه ۾ اهو ٺهراءُ پيش ڪيو ويو، جنهن جي تائيد قائداعظم ڪئي.

۲۵ مارچ ۱۹۲۷ع تي، قائداعظم جي زيرصدارت سنڌ جي علحدگيءَ متعلق ٺهراءُ پاس ڪيو ويو.

آگسٽ ۱۹۲۸ع ۾ سائمن ڪميشن لاءِ جناح صاحب نوٽ تيار ڪرايو، جنهن ۾ سنڌ لاءِ دليل ڏنا ويا.

۳۱ ڊسمبر ۱۹۲۸ع تي جناح صاحب جا ۱۴ نڪتا شايع ٿيا، جن مان هڪ سنڌ جي علحدگيءَ متعلق هو.

۱- آڪٽوبر ۱۹۳۰ع تي جي- ايم- سيد، سر شاهنواز ڀٽي، سر عبدالله هارون ۽ کهڙي ياران جناح صاحب سان ملاقات ڪئي وئي، ۽ سنڌ جي علحدگيءَ جي مسئلي تي سندس تائيد حاصل ڪئي وئي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

# قائداعظم - آزاديءَ جي جدوجهد ۽ سنڌي مسلمان

(نوٽ: برصغير جي سياسي تاريخ ۾ سنڌ کي بنيادي ۽ مرڪزي حيثيت حاصل آهي. ان جي ثبوت ۾، سنڌ جي مشهور اهل علم ۽ فاضل شخصيت ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جو هي تحقيقي شاهڪار پيش ڪجي ٿو. ڊاڪٽر صاحب جو هي مقالو، تاريخي ترتيب، احتياط ۽ اعتدال جي سهڻي انداز ۾ لکيو ويو آهي. ڪيترا مسئلا اگرچه نهايت اختصار سان بيان ڪيا ويا آهن، تاهم مطالع وارا ان جي تفصيل کي چڱيءَ طرح سان سمجهي سگهن ٿا. هن مقالي جا ٽي حصا آهن: هڪ حصي ۾ سنڌ جي ليڊرن جي سياسي ڪارنامن جو ذڪر موجود آهي، جي انهن بزرگن، خلافت تحريڪ، هجرت تحريڪ، ترڪ موالات تحريڪ، مسلم ليگ ۽ سنڌ جي بمبئيءَ کان جدائيءَ واري تحريڪ ۾ سرانجام ڏنا. ان طرح ٻئي حصي ۾ مسلم ليگ جي تاريخ، ارتقا ۽ آل انڊيا مسلم ليگ بنجڻ تائين سنڌ مختلف مرحلن کي ترتيب ۽ تاريخ وار بيان ڪيو ويو آهي؛ ٽئين حصي ۾ قائداعظم جهڙي جليل القدر سياستدان جي سياسي جدوجهد، ان جي مختلف تاريخي مرحلن، ڪانگريس کان ونڊي مسلم ليگ تائين عملي ڪوششن، ملڪ لاءِ مخلصانه ۽ دليرانه خدمتن، انگريزن ۽ ڪانگريس سان اختلافي مسئلن، پنهنجي موقف جي صداقت لاءِ سنڌ دليلن ۽ نتيجن تي جامع ۽ ڪشش انگيز بحث ڪيو ويو آهي. ان طرح انهن ٽنهي حصن کي ملائي، ڏيکاريو ويو آهي ته اهي سڀ گويا پاڪستان جي تاريخ جا مکيه مرحلا آهن. اميد ته هي شاهڪار، سياست ۽ تاريخ سان دلچسپي رکندڙ اهل ذوق عالمن ۽ شاگردن لاءِ معلومات افزا ثابت ٿيندو. — غ. م. گ)

شروع کان سنڌ جي مسلمانن کي اسلام ۽ مسلمانن سان بيحد محبت رهي آهي. ان زماني ۾ ترڪيءَ جو بادشاهه، مسلمانن جو خليفو سڏيو ويندو هو. انهيءَ ڪري سنڌ جي مسلمانن کي ترڪيءَ سان محبت هئي. هوڏانهن انهن ڏينهن ۾ وڏي عرصي کان برطانيه ۽ عيسائي حڪومتن جون ترڪيءَ خلاف سازشون هليون ٿي آيون. انهن جيڪي حرڪتون ۽ سازشون ڪيون، انهن کي مختصر نموني ۾ هن طرح بيان ڪري سگهجي ٿو:

(۱) ۱۸۵۸ع ۾ مولڊيو ۽ ولاچيا جي عيسائي رعيت کان بغاوت ڪرائي، اليگزينڊرڪوُرا کي پنهنجيءَ حمايت ۾ انهن رياستن جو امير مقرر ڪيو.

(۲) ۱۸۵۸ع ۾ ولاچيا ۽ مولڊيو جي ساڻهن گڏجي رومانيا ۾ بغاوت ڪرائي. صليبين (عيسائين) 'باب عالي' (ترڪيءَ جو خليفو) تي زور رکي، رومانيا کي آزاد ڪرايو ۽ جرمنيءَ جي شهزادي چارلس کي ان جو فرمانروا مقرر ڪرايو.

(۳) ۱۸۷۵ع زار روس بين الاقوامي معاهدن جي خلاف ورزي ڪندي، ڪاري سمنڊ ۾ پنهنجو بحري بيڙو موڪليو، ۽ ترڪيءَ جي ڪن ساحلي علائقن تي قبضو ڪيو.

(۴) ۱۸۷۶ع ۾ صليبين جي سازش تي بلقان ۾ شورش برپا ٿي ۽ وري ظاهري طرح مداخلت ڪري، 'باب عاليءَ' کان باغين جا مطالبا مڃارايا.

(۵) ۱۸۷۷ع ۾ روس بلقان تي حملو ڪيو، لڙائي ڪيترن ئي مهينن تائين هلي. آخر ترڪيءَ کي شڪست ملي ۽ روس ايڊريانوپل فتح ڪيو. ۱۸۸۱ع ۾ يورپ جي صليبين جي مداخلت تي صلح ٿيو.

(٦) ۱۸۹۰ع ۾ فرانس تيونس تي حملو ڪري، پنهنجي هٿ ڪيو، جيڪو ترڪيءَ جو صوبو هو. ۱۹۰۴ع ۾ فرانس مراڪش تي قبضو ڪيو.

ثابت آهي ته برطانيا جو انهن سڀني سازشن ۾ هٿ هو، ان ڪري گڏيل هندستان جي مسلمانن جو انگريزن کان نفرت جو هڪ سبب اهو به هو ته انهيءَ ڪري هتي جا مسلمان، انگريزن کان بيحد متنفر هئا.

۱۹۱۰ع ۾ اٽليءَ طرابلس تي حملو ڪيو، جيڪو ترڪيءَ جو پراڻهون علائقو هو. جڏهن سنڌ جي مسلمانن ترڪيءَ جي مسلمانن سان اٽليءَ جي ڪيل ظلمن جا داستان ٻڌا، تڏهن اٽليءَ کان نفرت ڪرڻ لڳا. اٽليءَ جون ٽوپيون ساڙيون ويون ۽ ترڪي ٽوپين پائڻ جو رواج عام پيو. پهرين مهاڀاري لڙائيءَ ۾ جيئن ته برطانيا جي حڪومت ترڪيءَ جي دشمن هئي، انهيءَ ڪري سنڌ جا مسلمان انگريزن کان وڌيڪ نفرت ڪرڻ لڳا. هنن جي پوري دلي همدردي ترڪيءَ سان هئي. ڪيترن سنڌي شاعرن شعر جي ذريعي سنڌ جي مسلمانن جي جذبات جي ترجماني ڪئي آهي.

يوناني جيئن ته ترڪيءَ سان وڙهي رهيا هئا، تنهنڪري ڳڙهي ياسين جي شاعر محمد آدم (ولادت ۱۸٦۳ع، وفات ۱۹۴۸ع) کانئن نفرت جو اظهار هن طرح ڪيو:

۱۹۱۴ع ۾ حضرت شيخ الهند، مولانا محمود الحسن ديوبندي هندستان کي آزاد ڪرائڻ لاءِ هڪ خفيه تحريڪ هلائي، جنهن ۾ مسلمانن ۽ هندن گڏجي ڪم ڪيو. انهن ڏينهن ۾ حضرت شيخ الهند جو شاگرد، وڏو عالم ۽ انقلابي، حضرت مولانا عبيدالله سنڌي پير جهنڊي جي مدرسي ۾ رهندو هو، ۽ مدرسي جو مهتمم هو. آزاديءَ جي ان تحريڪ جي سلسلي ۾ ۱۹۱۵ع ۾ ڪيس انگريزن جي خلاف محاذ قائم ڪرڻ لاءِ ڪابل موڪليو ويو. انهيءَ تحريڪ جي سلسلي ۾، ملڪ اندر جيڪي مرڪز قائم ڪيا ويا هئا، تن مان ۵ سنڌ ۾ ٻه هئا: هڪ امروٽ ضلع سکر ۾ هو، جنهن جو امير حضرت مولانا تاج محمود صاحب امروٽي هو، هي مرڪز سنڌ ۽ بلوچستان لاءِ هو. لس ٻيلي ۽ قلات لاءِ ڪراچيءَ ۾ مرڪز هو، جنهن جو امير حضرت مولانا محمد صادق صاحب کڏي وارو هو. اها تحريڪ جيڪا ”ريشمي رومال جي تحريڪ“ جي نالي سان مشهور آهي، ۱۹۱۷ع ۾ ناڪام ٿي. مولانا عبيدالله سنڌي پنجويهه سال جلاوطن رهڻ کان پوءِ ۱۹۳۹ع ۾ خانبهادر الله بخش سومري شهيد جي وزارت جي زماني ۾ ۽ ان جي ڪوشش سان وطن واپس آيو.

يورپ جي ظالم ۽ استعماري طاقتن، خاص طرح سان انگريزن، ترڪن جي خلاف جيڪي سازشون شروع ڪيون، تن جي مدنظر، خلافت ۽ حرمين شريفين جو تحفظ ضروري هو. انهيءَ لاءِ گڏيل هندستان جي مسلمانن، ۱۹۱۹ع ۾ ”آل انڊيا خلافت ڪاميٽي“ قائم ڪئي. سنڌ جو مشهور سياسي ليڊر رئيس غلام محمد خان ڀرڳڙي مرحوم، خلافت تحريڪ کي وڏي تقويت پهچائي. اهوئي سبب هو، جو ڪيس ۱۹۲۰ع ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس“ جو صدر منتخب ڪيو ويو. انهيءَ سال حيدرآباد ۾ خلافت جو پهريون اجلاس ٿيو. ان کان پوءِ سيوهڻ ۾، ساڳئي سال جي اپريل ۾، خلافت جو جلسو ٿيو، جنهن جي صدارت مولانا عبدالڪريم درس ڪئي. ساڳئي سال جي ٦، ٧ ۽ ٨ جون تي وري لاڙڪاڻي ۾ آل انڊيا خلافت ڪانفرنس ۾ جو جلسو ٿيو، جنهن جي صدارت پيرصاحب جهنڊي واري ڪئي. ان ڪانفرنس ۾ مولانا شوڪت علي، مولانا عبدالباري لکنوي ۽ مولانا ابوالڪلام ”آزاد“ به شرڪت ڪئي. انهيءَ سال وري جيڪب آباد ۾ خلافت جو جلسو، مولانا تاج محمود صاحب امروٽيءَ جي زيرصدارت ٿيو.

انهن جلسن ۾ عالمن، انگريزن جي مسلم دشمن پاليسيءَ کي واضح ڪندي، هندستان کي ”دارالحرب“ قرار ڏنو. انهيءَ ڪري سيوهڻ واري خلافت جي جلسي ۾ سنڌ مان افغانستان هجرت ڪرڻ جو نعراءُ پاس ڪيو ويو، جنهن جيڪب آباد واري جلسي ۾ عملي صورت اختيار ڪئي. هن سلسلي ۾ لاڙڪاڻي جو نوجوان بئريسٽر، مسٽر جان محمد جوڻيجو وڏي جوش ۽ جذبي سان ڪم ڪري رهيو هو. جيڪب آباد واري جلسي ۾ هن سخت ۽ جوشيلي تقرير ڪئي، ۽ انگريزن کان نفرت ۽ حقارت ڏيکاريندي، انگريزن طرفان مليل سمورا خطاب واپس ڪيائين. نتيجي ۾ انگريزن ڪيس ڏاڍيون تڪليفون ڏنيون ۽ زمينن جو پاڻي بند ڪرائي ڇڏيو.

شايع ٿيڻ شروع ٿيا. نتيجو اهو نڪتو، جو جهڙيءَ طرح لاهور ۾ علم الدين، راجپال آريہ کي قتل ڪيو، اهڙيءَ طرح ڪراچيءَ ۾ عبدالقيوم، هاءِ ڪورٽ ۾، ججن جي سامهون نٿورام آريہ کي ڇرو هنيو، ڇاڪاڻ جو ان مسلمانن خلاف دل آزار يندڙ ڪتاب شايع ڪيو هو.

ان زماني ۾ ”الوحيد“ مسلمانن جي حق ۾ زور شور سان لکيو. ان کان سواءِ مخلص مرحوم بہ هندن جي حرڪتن تي دل کولي لکيو. ٻئي وڏي صحافي نور محمد نظامانيءَ بہ، آريہ سماجي اخبارن خلاف جهاد ڪندي، قلم کان تلوار جو ڪم ورتو. نظاماڻي مرحوم کي بہ مخلص مرحوم وانگر نظم خواہ نثر تي هڪ جهڙي قدرت حاصل هئي. هن مختلف وقتن تي ”نورِ اسلام“، ”مرغِ فلڪ“ ۽ ”طيراً ابابيل“ نالي هفتيوار اخبارون ڪڍيون. ان دور جي هندو اخبارن - ”هندو“، ”سنسار سماچار“، ”هندو گزيٽ“، ”سنڌي“ ۽ ”پارت“ وغيرہ مسلمانن جي خلاف خوب لکيو.

ان زماني ۾ سنڌ جدا صوبو نہ هو، انگريزن سنڌ فتح ڪرڻ کان ٿوروئي پوءِ سنڌ جي صوبائي حيثيت ختم ڪري، سنڌ کي بمبئي علائقي سان ملائي ڇڏيو هو. اهوئي سبب آهي، جو سنڌ جي مسلمانن ١٩٠٨ع کان سنڌ کي جدا صوبي بڻائڻ جي ڪوشش شروع ڪئي هئي. شروع ۾ هندن بہ مسلمانن جو ساٿ ڏنو. پر پوءِ هندن مخالفت ڪئي؛ ڇاڪاڻ جو ڪين اهو اچي ساڙ ٿيو، تہ اقتدار مسلمانن جي هٿ ۾ اچي ويندو. ان جي باوجود سنڌ جا مسلمان سنڌ جي علحدگيءَ لاءِ ڪوشش ڪندا رهيا. سنڌ جي مسلمانن جي انهيءَ تحريڪ ئي پاڪستان جي تحريڪ لاءِ راهہ هموار ڪئي.

مارچ ١٩٢٨ع ۾ ٻهرين آل پارٽيز ڪانفرنس دهليءَ ۾ منعقد ٿي. ان ۾ هندن، مسلمانن ۽ ٻين هندستاني قومن جي انجمنن جي نمائندن شرڪت ڪئي. ٻن مهينن ۾ آل پارٽيز ڪانفرنس جا ٢٥ اجلاس ٿيا، پر ڪجهہ بہ طئي نہ ٿيو. آخر دهليءَ جو ملتوي ٿيل اجلاس بمبئيءَ ۾ ١٩-مئي تي منعقد ٿيو. ان ۾ هڪ ڪاميٽي بڻائي وئي، تہ اها هندستان جو دستور مرتب ڪري، ۽ اهو دستور آل پارٽيز ڪانفرنس ۾ پيش ڪيو وڃي. ڪاميٽيءَ جو صدر پنڊت موتي لعل نهرو کي ڪيو ويو.

نهرو ڪميٽيءَ رپورٽ مرتب ڪئي، جيڪا فتني ۽ فساد جي جڙ ثابت ٿي. ان ۾ ڪامل آزاديءَ جي بدران ”ڊومينين اسٽيٽس“ جو خاڪو پيش ڪيو ويو. مسلمانن جا سمورا مطالبا رد ڪيا ويا؛ صوبن کان هرقسم جا اختيار کسي مرڪز کي ڏنا ويا؛ صوبہ سرحد ۽ بلوچستان کي ٻين صوبن جهڙو حق ڏيڻ گوارا نہ ڪيو ويو؛ ۽ سنڌ کي بمبئيءَ کان الڳ صوبي بڻائڻ جي سخت مخالفت ڪئي وئي. مسلمانن ان جي مخالفت ڪئي.

انهن ڏينهن ۾ مسٽر جناح مسلم ليگ جو صدر هو، ۽ انگلنڊ ويل هو. هن انگلنڊ کان موٽي اچي مسلم ليگ جي ڪائونسل جو اجلاس طلب ڪيو. مسلم ليگ ”نهرو رپورٽ“ ۾ ترميم لاءِ ڪجهہ تجويزون ڏنيون، جيڪي ڪانگريس قبول نہ ڪيون، ان ڪري هندن ۽ مسلمانن جا ويڇا اڃا بہ وڌيا.

۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي "سنڌ آزاد پارٽي" بنائي. ٧- فيبروري ١٩٣٧ع تي اليڪشن ٿي: ۽ يونائيٽيڊ پارٽي ٢٣، پوليٽيڪل پارٽي ٥، ۽ آزاد پارٽيءَ ٣ جايون حاصل ڪيون. يونائيٽيڊ پارٽيءَ جو ليڊر سر شاهنواز ڀٽو، ۽ هڪ ڊپٽي ليڊر سر عبدالله هارون ڪامياب ٿي نه سگهيا. ان پارٽيءَ جو ٻيو ڊپٽي ليڊر خانبهادر الله بخش سومرو ڪامياب ٿيو. جمهوري اصولن موجب سنڌ جي گورنر کي خانبهادر الله بخش سومري کي وزارت ٺاهڻ لاءِ چوڻ گهربو هو، پر گورنر جمهوري اصولن جي خلاف ورزي ڪندي سر غلام حسين کي وزارت ٺاهڻ لاءِ چيو. گورنر جي انهيءَ قدم سنڌ ۾ سياسي اختلافن جو بنياد وڌو.

الله بخش سومرو هڪ وڏو ذهين ۽ هوشيار سياستدان ته هو، پر سندس عوام پسند ۽ حق پسند سياسي هيرڦير سبب آخر مارچ ١٩٣٨ع ۾ سر غلام حسين جي وزارت ختم ٿي ۽ ٧- مارچ ١٩٣٨ع تي الله بخش سومرو وڏو وزير ٿيو. انهيءَ سال ڪشمور تڪ ۾ هڪ زميندار زين الدين خان سندرانيءَ جي وفات ڪري، اسيمبليءَ جي هڪ جاءِ خالي ٿي. انهيءَ ضمني چونڊ ۾ الله بخش سومري جي ڪوشش سان هڪ جاگيردار کي شڪست ملي، ۽ هاري تحريڪ سان وابسته خان محمد امين خان کوسو مرحوم ڪامياب ٿيو.

سنڌ جي هندن کي اڳي ئي سُجهيو ٿي ته سنڌ بمبئي کان جدا ٿيندي، ته سنڌ جي حڪومت جي واڳ سنڌ جي مسلمانن جي هٿ ۾ ايندي، جي اڪثريت ۾ آهن: انهيءَ ڪري هنن سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ جي زوردار مخالفت ڪئي. سندن سازشن ۽ مخالفتن جي باوجود جڏهن سنڌ بمبئي کان جدا ٿي، تڏهن هنن سازشن ۽ حرڪتن جو وڌيڪ چار وڄائڻ شروع ڪيو. ورهاڱي کان اڳ سنڌ جي صوبائي خودمختاريءَ جي ساڍن ڏهن سالن جي تاريخ باريڪ بينيءَ سان نظر مان ڪڍي ويندي، ته معلوم ٿيندو ته هندن، مسلمانن جي تعمير ۽ ترقيءَ جي رستي ۾ قدم قدم تي رڪاوٽون کڙيون ڪيون. مسلمانن جي مفاد جي حفاظت ۽ ترقيءَ جي سلسلي ۾ اسيمبليءَ ۾ جيڪي به بل پيش ٿيندا رهيا، انهن کي سازشن ۽ غلط ترميمن ذريعي بي‌اثر بنائڻ جون ڪوششون ڪيون ويون. انهيءَ سلسلي ۾ هنن ڪن ضمير فروش سرمايه دار مسلمانن کي خريد ڪري، پنهنجي سازشن کي ڪامياب بنائڻ جي ڪوشش ڪئي. انهن جي سازشن ۽ حرڪتن جو نتيجو "٢١ شرطن" ۾ ڏسي سگهجي ٿو، جيڪو ان دور جو انسانيت سوز ۽ شرمناڪ دستاويز آهي، ۽ هندو سياستدانن جي مسلم دشمنيءَ جو چٽو ثبوت آهي.

هندن جون حرڪتون ڏسي، سنڌ جي مسلمانن محسوس ڪيو ته هندو سندن ڪڏهن به خيرخواه ٿي نه سگهندا. انهيءَ ڪري مسلمانن جي هڪ مضبوط جماعت ۽ قيادت جي سخت ضرورت محسوس ڪئي ويئي. انهيءَ نقطهء نگاه کان هنن پنهنجي ڀلائي ۽ بهتري مسلم ليگ سان وابسته سمجهي. اهوئي سبب آهي جو سنڌ جي مسلمان ليڊرن جي ڪوشش سان اپريل يا مئي ١٩٣٨ع ۾ سنڌ جي صوبائي مسلم ليگ جو قيام عمل ۾ آيو. هن شاخ جو محرڪ محترم شيخ

(٧) روزانه "الوحيد" جو "سنڌ آزاد نمبر" ١٩٣٦ع.
(٨) ٽه ماهي الرحيم سوانح نمبر: مرتب مولانا غلام مصطفيٰ قاسمي.
(٩) ٽه ماهي مهراڻ سوانح نمبر: مرتب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ١٩٥٧ع.
(١٠) الرحيم جا مختلف پرچا.
(١١) ماهنامه نئين زندگيءَ جا مختلف پرچا.
(١٢) سر شاهنواز خان ڀٽي جي تقرير، شايع ڪيل سنڌ يونيورسٽي.
(13) History of the freedom movement, Karachi, 1957–63 (8 Vols).
(14) Muslim league: yesterday and today, Lahore 1948. Rajput, A.B.
(15) Speeches by Quaid-e-Azam Muhammad Ali Jinnah, Governer General of Pakistan, Karachi.
(16) The transfer of power in India: Menon. V.P, Culcutta 1957.
(17) Pakistan movements-historic dacuments, compiled and edited by: G. Allana, Karachi, second edition 1968.

